جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 16 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 348

پي ٽي آءِ فيصلو ڪري، پاڪستان سان گڏ رهڻو آهي يا افغانستان سان: عطا تارڙ

خيبرپختونخوا دهشتگردي جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي، پر خيبرپختونخوا جي قيادت جو سڄو ڌيان هڪ قيدي کي جيل مان آزاد ڪرائڻ تي ڪُتل آهي

سهيل آفريدي انتظامي طور ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي سياسي طور به ناڪام ٿي چڪو آهي، خيبرپختونخوا جو عوام بنيادي سهولتن لاءِ ٻين صوبن جو رخ پيو ڪري

صوبي اندر تباهي ۽ بربادي پکڙجي چڪي آهي، دهشتگردي کي صوبائي حڪومت روڪي نه سگهي خيبرپختونخوا ۾ جيڪو نئون پوليس ايڪٽ آيو آهي، ان ۾ پوليس جا اختيار کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

افغانستان کان ٿيندڙ فائرنگ جي اڄ تائين مذمت ناهي ڪئي وئي، پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته پاڪستان سان گڏ رهڻو آهي يا افغانستان سان گڏ

اين ايف سي ايوارڊ تحت هر سال خيبرپختونخوا حڪومت کي اربين رپيا فنڊز ڏنا وڃن ٿا، ڪائونٽر ٽيررازم جي مد ۾ ملندڙ رقم ڪٿي خرچ ڪئي وئي

گهرو کاتي طرفان خيبرپختونخوا پوليس لاءِ جديد گاڏيون ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي، پر اها رد ڪئي وئي پي ٽي آءِ قيادت خيبرپختونخوا پوليس کي دهشتگردن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي

اسلام آباد (بيورو) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هنن کي پاڪستان سان گڏ رهڻو آهي يا افغانستان سان اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عطا تارڙ چيو ته خيبرپختونخوا دهشتگردي جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي، پر خيبرپختونخوا جي قيادت جو سڄو ڌيان هڪ قيدي کي جيل مان آزاد ڪرائڻ تي ڪُتل آهي. هن چيو ته سهيل آفريدي ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اسلام آباد: وفاقي وزير عطا الله تارڙ ۽ چوڌري طلال پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪي پي ۾ گورنر راڄ جا قانوني تقاضا پورا ٿيڻ جي دعويٰ

پشاور (م. د) وفاقي وزير براءِ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان امير مقام دعويٰ ڪئي آهي ته خيبر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ تيز برسات، رين ايمرجنسي لاڳو

اسلام آباد/راولپنڊي (م د) اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ تيز برسات ڪانپوءِ رين ايمرجنسي لاڳو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڪستان انفارميشن ڪميشن شهرين جي حق جي رسائي کي يقيني بڻائڻ جو فورم آهي: وزيراعظم

حڪومت عوام کي تصديق ٿيل معلومات جي فراهمي، شفافيت کي هٿي وٺرائڻ ۽ ڄاڻ تائين پهچ جي حق جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي: شهباز شريف

شهباز شريف عوام کي تصديق ٿيل ڄاڻ تائين پهچ ۽ ادارن طرفان ان جي فراهمي جي بنيادي جمهوري حق جي پختي توثيق ڪندي ان يقين جو اظهار ڪيو

حڪومت، ميڊيا، سول سوسائٽي، تعليمي ادارا، ٽيڪنالاجي جا ماهر ۽ شهري گڏجي ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جي تحفظ ۽ هڪ باخبر، ذميوار ۽ شفاف معاشري جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا

پاڪستان اڄ دنيا سان هم آواز ٿي ڄاڻ تائين پهچ جي عالمي ڏهاڙي تي ڄاڻ جي شهرين تائين رسائي ۽ ادارن طرفان ان جي فراهمي ۽ ڏي وٺ جي بنيادي جمهوري حق جي عزم جي پختي توثيق ڪري ٿو

اهو موضوع بجا طور ڄاڻ جي دستيابي کي درپيش هڪ اهم مسئلي جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ غلط ۽ گمراهه ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا شامل آهن

ڄاڻ تائين رسائي هڪ بنيادي حق ۽ شفاف جوابده ۽ باخبر معاشري جو بنياد آهي. عوام کي درست، وقت سر ۽ قابل اعتماد ڄاڻ جي فراهمي نه صرف رياستي ادارن جي ذميواري آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف عوام کي تصديق ٿيل ڄاڻ تائين پهچ ۽ ادارن طرفان ان جي فراهمي جي بنيادي جمهوري حق جي پختي توثيق ڪندي ان يقين جو اظهار ڪيو آهي، ته حڪومت، ميڊيا، سول سوسائٽي، تعليمي ادارا، ٽيڪنالاجي جا ماهر ۽ شهري گڏجي ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جي تحفظ ۽ هڪ باخبر، ذميوار ۽ شفاف معاشري جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. وزيراعظم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪي پي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ گهرجي ۽ لڳندو به: وفاقي وزير

خيبرپختونخوا ۾ حالتون ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو آئيني تقاضو ڪن ٿيون ته ايمرجنسي ضرور لاڳو ٿيڻ گهرجي

ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت آئين بلڪل واضح آهي ۽ ان ۾ مقرر ڪيل طريقيڪار تي عمل ڪرڻ لازمي آهي

جيڪڏهن حالتون آئيني طور ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو تقاضو ڪن ٿيون ۽ آئين ۾ ڄاڻايل شرطون پوريون ٿين ٿيون ته پوءِ اهو قدم کنيو ويندو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير قانون اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ حالتون ايمرجن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

بلاول ڀٽو سان شرجيل جي ملاقات، منصوبن تي بريفنگ

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي

ملاقات دوران شرجيل انعام ميمڻ، بلاول ڀٽو زرداري کي ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل عوامي ميگا منصوبن تي ٿيندڙ اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪندي

نيتن ياهو جي اماراتي صدر سان ملاقات، نيوز ايجنسي جي دعويٰ

جتي ابوظهبي ۾ سنڌس اماراتي صدر شيخ محمد بن زايد سان ملاقات ٿي

گڏيل عرب امارات ان وقت اهڙي ملاقات جي ترديد ڪئي هئي

ابوظهبي (م د) هڪ پرڏيهي خبر ايجنسي دعويٰ ڪئي آهي ته اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو آچر ڏينهن گڏيل عرب امارات جو دورو ڪيو. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

لاهور: پرڏيهي عورت سان اجتماعي زيادتي ۾ ملوث جوابدار گرفتار

لاهور (م د) ڊفينس سي جي علائقي ۾ پرڏيهي عورت سان زيادتي جي واقعي ۾ ملوث هڪ مُڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پي آءِ او رئيسه عادل جو سي پي اين اي سيڪريٽريٽ جو دورو

اخباري صنعت جي مسئلن، رجسٽريشن، ABC ۽ سرڪاري اشتهارن تي بحث

ملڪ جي اخبارن ۽ رسالن کي رجسٽريشن جي عمل ۾ مشڪلاتن ۽ غير معمولي دير جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: رئيسه عادل

ڪراچي (رپورٽر) فيڊرل پريس انفارميشن آفيسر (پي آءِ او) رئيسه عادل ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: پي آءِ او رئيسه عادل جو سي پي اين اي سيڪريٽريٽ جو دورو ڪندي

هن وقت بيڪ ڊور چينل ڳالهين جي خبر ناهي: سلمان اڪرم راجا

رڳو انديشي جي بنياد تي ڪنهن جا بنيادي حق کسي وٺڻ ڪهڙو انصاف آهي؟

لاهور (م د) پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا چيو آهي ته سنڌس ڄاڻ موجب هن وقت ڪا بئڪ چينل ڳالهين جي عمل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ ۾ پاڪستان انفارميشن ڪميشن جو اجلاس، گڏيل سهڪار وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جو عزم

ٻنهي ڪميشنن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

مشاورت ۽ شموليت سان معلومات تائين رسائي بابت ضابطن کي وڌيڪ اثرائتو ۽ هم آهنگ بڻائڻ وارو معاملو خاص طور تي بحث هيٺ آيو

ڪراچي (رپورٽر) معلومات تائين عالمي رسائي واري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: سنڌ ۾ پاڪستان انفارميشن ڪميشن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

اڄ ڪجهه ماڻهو ايران کي دنيا جي چوٿون سُپر پاور قرار ڏين ٿا: مجتبيٰ خامنه اي

جيڪي قوتون ڪنهن وقت ايران تي برتري حاصل ڪرڻ چاهينديون هيون، هاڻي انهن کي ايران جي فوجي صلاحيتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ملڪ جي دفاعي صلاحيتن گڏريل ڏهاڪن جي پيٽ ۾ طاقت جو توازن تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ايراني سپريم ليڊر

ايران هاڻي دارومدار ۽ ڪمزوري واري مرحلي مان نڪري خودمختياري، طاقت ۽ اسلامي دنيا ۾ هڪ نمايان مقام ماڻي چڪو آهي

تهران (م د) ايران جي رهبرِ اعليٰ مجتبيٰ خامنه اي چيو آهي ته اڄ ڪجهه ماڻهو اسان کي دنيا جي چوٿين سپر پاور قرار ڏين ٿا. ايراني ميڊيا موجب، پنهنجي بيان ۾ مجتبيٰ خامنه اي چيو ته جيڪي قوتون ڪنهن وقت ايران تي برتري حاصل ڪرڻ چاهينديون هيون، هاڻي انهن کي ايران جي فوجي صلاحيتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

جماعت اسلامي پنهنجي موقف کان پوئتي نه هٽندي: حافظ نعيم

حافظ نعيم الرحمان حڪومت کان هڪ دفعو ٻيهر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

وزيراعظم جي يقين ڏيارڻ تي لانگ مارچ ۾ وقفو ڏنو، احتجاج تان هٿ ناهي کنيو. وزيراعظم پاڪستان پهچندو ته انهي سان ڳالهيون ٿينديون

پيٽروليم شين تي رليف ڏيڻو آهي ته ڏيو ٻئي صورت ۾ اسان لانگ مارچ جاري رکنداسين

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان حڪومت کان هڪ دفعو ٻيهر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

وفاقي سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي وظيفا ڏيڻ جو فيصلو

حاضر سروس، ريٽائرڊ وفاقي ملازمن ۽ مرحوم ملازمن جي ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو

سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ٻارن کي وظيفا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو

هن فيصلي تحت وفاقي سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي وظيفا ڏيڻ جو فيصلو حاضر سروس، ريٽائرڊ وفاقي ملازمن ۽ مرحوم ملازمن جي ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي. چيف ويلفيئر آفيسر خداداد ۽ ويلفيئر آفيسر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

گڊز اتحاد پاران روڪيل گاڏيون رليز ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم

سياسي احتجاج سبب اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ 3 هزار کان وڌيڪ لوڊڊ ۽ خالي گاڏيون روڪيون ويون آهن: ملڪ شهزاد اعوان

ڪنٽينر مالڪن سان ڪرايو ڏيڻ جي لاءِ منهنجي انهن سان باقاعدگي سان ملاقاتون ٿي رهيون آهن: طلال چوڌري

ڪنهن جو سامان وارو ڪنٽينر نه آهي، انهن جا ماڻهو ڪرايو طئي ڪندا آهن انهي جو هڪ طريقيڪار آهي

اسلام آباد (بيورو) آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف شهرن ۾ روڪيل گاڏين کي رليز ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو آهي. آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد جي صدر ملڪ شهزاد اعوان چيو آهي ته سياسي احتجاج سبب اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ 3 هزار کان وڌيڪ لوڊڊ ۽ خالي گاڏيون روڪيون ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

32 هين سنڌ وومين سوئمنگ چيمپئن شپ جي اختتامي تقريب ڪراچي ڪلب ۾ منعقد

سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزير سردار محمد بخش خان مهر خاص مهمان طور شرڪت

سنڌ جي سيني ڊويزنن ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ سهولتن سان مطابقت رکندڙ سوئمنگ پول ٺاهڻ جو اعلان ڪنداسين

سنڌ حڪومت راندين جي فروغ ۽ عورت رانديگرن جي حوصلا افزائي لاءِ پرعزم آهي، ۽ عورت رانديگرن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ قدم کنيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) 32 هين سنڌ وومين سوئمنگ چيمپئن شپ جي اختتامي تقريب ڪراچي ڪلب ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزير سردار محمد بخش خان مهر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

مير رضا ڪيس: جوڊيشل ڪميشن جي مدت ختم

ڪميشن جي مدي ۾ واڌ بابت سنڌ جي گهرو کاتي طرفان اڃا تائين ڪو فيصلو نه ڪيو ويو

جوڊيشل ڪميشن شاهدن جا بيان مڪمل ڪرڻ ۽ رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ 15 آڪٽوبر تائين مدي ۾ واڌ جي درخواست ڪئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت طرفان مير رضا علي جي قتل ڪيس جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ لاءِ قائم ڪيل جوڊيشل ڪميشن جي مدت ختم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

صوبائي وزير جي صدارت هيٺ اي ايف پي جي عهديدارن جو اهم اجلاس، مختلف معاملن تي تفصيلي غور ويچار

سيسي جي ڪنٽريبيوشن، صنعتن جي انسپيڪشن ۽ موجوده معاشي صورتحال سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

ايمپلائرز فيڊريشن جي وفد ۾ عبدالمجيد عزيز، سيد نذر علي، همايون نظير، مهناز ڪلودي، محمد يوسف ۽ صدف لطيف شرڪت ڪئي

گورننگ باڊي سيسي جي ميمبر انجنيئر ايم اي جبار ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

صوبائي وزير کي صنعتن کي درپيش مسئلن ۽ موجوده معاشي صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ سعيد غني جي صدارت هيٺ ايمپلائرز فيڊريشن آف پاڪستان (اي ايف پي) جي عهديدارن جو اهم اجلاس ٿيو. جنهن ۾ صنعتي شعبي کي درپيش مسئلن، مزدورن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ايم ڊي ڪيٽ 2026ع جا حتمي نتيجا جاري

20 سيپٽمبر تي سنڌ سميت 9 امتحاني مرڪزن ۾ ايم ڊي ڪيٽ جو امتحان ورتو ويو هو

عبوري نتيجن تي وصول ٿيل سمورن اعتراضن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ انهن بابت فيصلا ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليجن ۾ داخلا. ايم ڊي ڪيٽ 2026ع جا حتمي نتيجا جاري سنڌ جي ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪيماڙي جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران مسئلن جي حوالي ڪيو ويو آهي: سردار عبدالرحيم

علائقي جا رهواسي مٽي ۽ صاف پاڻي کان محروم آهن، امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي

حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا شهرين جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ سندن جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ فوري قدم کڻن

افتتاحي تقريب ۾ سردار عبدالرحيم ۽ ايڊووڪيٽ انور عظيم خان جي آمد تي ڪارڪنن پاران ڀرپور استقبال ڪيو ويو

گلن جون پنکڙيون نڇاور ڪيون ويون. روايتي انداز ۾ سردار عبدالرحيم کي بلوچي پڳ پارائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم چيو آهي ته ضلعي ڪيماڙي جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران مسئلن جي حوالي ڪيو ويو آهي، علائقي جا رهواس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم خطاب ڪندي

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ 5 ڏينهن دوران 6473 ڪيس اڪلائي ڇڏيا

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ 21 کان 25 سيپٽمبر 2026ع تائين عدالت ۾ هلندڙ ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

جنگبندي جي تجويز رد، عالمي مارڪيٽ ۾ تيل مهانگو

واشنگٽن (م د) ٽرمپ پاران ايران جي تجويز رد ڪرڻ بعد ڪچي تيل جي اگهن ۾ واڌ، برينٽ تيل 106 ڊالرفي بيرل ٿي ويو عالمي مارڪيٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي سپر هاءِ وي تي ڪنٽينر ۽ ٽرڪ ۾ خوفناڪ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت هڪ زخمي

حادثو تيز رفتاري ۽ اوورٽيڪنگ سبب پيش آيو فوتين ۽ زخمي کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪري ٻنهي گاڏين کي هٽائي روڊ کي ٽريفڪ لاءِ بحال ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سپر هاءِ وي تي تيز رفتاري سبب ڪنٽينر ۽ ٽرڪ وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا ٿاڻي تي فوت ٿي ويا جڏهن ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچي دهلي ڪالوني ۾ دڪاندار جو پنهنجي ئي دڪان کي باهه

ڪراچي (رپورٽر) دهلي ڪالوني ۾ اڄ شام جو هڪ عجيب واقعو پيش آيو جتي پرچون جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

مريد شاخ بلوچستان ۾ مزدوري لاءِ ويل 8 پورهيت اغوا

مريد شاخ (رپورٽر) مريد شاخ بلوچستان ۾ مزدوري لاءِ ويل 8 پورهيت اغوا ٿي ويا وارثن موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضي وهاب عوام جون شڪايتون ٻڌي رهيو آهي

ڪراچي نيو ڪراچي ۾ پوليس مقابلو 3 خطرناڪ ڪار لفٽر گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ جنيد، حماد ۽ ڪاشف شامل آهن. گرفتار جوابدارن مان هڪ مقابلي ۾ زخمي ٿيو

جوابدارن وٽان هڪ چوري ٿيل ڪار، غير قانوني هٿيار ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) نيو ڪراچي صنعتي ايريا پوليس سيڪٽر 11_ I احافظ جي مزار پرسان ڪارروائي ڪندي مقابلي ڪانپوءِ 3 مبينا ڪار لفٽرن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي نيو ايم اي جناح روڊ تي افسوسناڪ حادثو، معصوم ٻار فوت

ٻئي ٻارڙا روڊ ڪراس ڪري رهيا هئا ته تيز رفتار گاڏي کين چيڀاٽيندي نڪري وئي

لاش ۽ زخمي کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي نيو ايم اي جناح روڊ تي تيزرفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ 14 ورهين جو معصوم ٻارڙو بلال ٿاڻي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته 1/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

پي ٽي آءِ باني جي حڪم تي وڏ وزارت ڇڏي هئي، باني جو حڪم مليو ته ٻيهر وڏو وزير بڻجي سگهان ٿو: علي امين گنڊاپور

پشاور (م د) پشاور وزير خيبرپختونخوا جي اڳوٽي وڏي علي امين گنڊاپور چيو آهي ته پي ٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي بوٽ بيسن وٽ نامعلوم ڪار جي ٽڪر ۾ راهگير فوت

حادثي ڪانپوءِ ڪار سوار فرار ٿي ويو پوليس موجب فوتي جي فوري طور تي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي

لاش کي ضابطي جي ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بوٽ بيسن ۾ بينظير پارڪ پرسان تيزرفتار نامعلوم ڪار جي ٽڪر ۾ هڪ 25 ورهين جو راهگير نوجوان ٿڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي گلبائي پل موت جي پل بڻجي وئي

هڪ ٻيو نوجوان ڳڙڪائي وئي انتظاميا خاموش تماشائي

گلبائي پل تي اسپيڊ چيڪ، ٽريفڪ سگنل ۽ پوليس پڪٽ قائم ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جو گلبائي پل وارو علائقو هڪ ڀيرو ٻيهر انساني رت سان ڳاڙهو ٿي ويو. پي ايس او پمپ وٽ نامعلوم قاتل گاڏي هڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڊويزنل ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن حيدرآباد ۾ ”جرنلسٽس فيسليٽيشن ڊيسڪ“ قائم، آفيسر نامزد

حيدرآباد (رپورٽر) ڊويزنل ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن حيدرآباد ۾ ”جرنلسٽس فيس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ايف سي جي مداخلت، ڏابيجي ۾ چيني ڪمپني جي صنعتي تنصيب 7 مهينن بعد ٻيهر فعال

نان ريسورسز ڏابيجي ۾ صنعتي ڪارخانو هلائيندڙ چيني ڪمپني آهي، جنهن جي صنعتي تنصيب فيبروري 2026ع کان بند هئي

جنهن دوران ڪمپني کي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو ڪمپني صنعتي تنصيب سان لاڳاپيل معاملي جي حل لاءِ ايس آءِ ايف سي جي مداخلت ۽ سهڪار کي ساراهيو آهي

ايس آءِ ايف سي لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪري معاملو حل ڪرايو، جنهن ڪانپوءِ ڪارخانو ٻيهر فعال ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ايف سي جي مداخلت، ڏابيجي ۾ چيني ڪمپني جي صنعتي تنصيب 7 مهينن بعد ٻيهر فعال ايس آءِ ايف سي جي بروقت مداخلت ۽ لاڳاپيل اختيارين سان رابطن جي نتيجي ۾ چيني ڪمپني هُنان ريسورسز جي ڏابيج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

اسلام آباد: چيئرمين قائمه ڪميٽي برائي دفاعي پيداوار سينيٽر محمد عبدالقادر جي قيادت ۾ پاڪستاني پارليامينٽ وفد فلپائن جي سينيٽ جي صدر سان ملاقات ڪندي

سنڌ جي ورهاڱي جي سازش قبول نه ڪنداسين: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن، سنڌ جي تاريخي وحدت، قومي وجود ۽ وسيلن خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو

ڊاڪٽر قادر مگسي ”سنڌ منهنجي امان“ جي سري هيٺ جاري عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ گهاري پهتو

جتي ايس ٽي پي جي ضلعي صدر جلال شاهه، ستار چانڊيو، روي ڪمار ۽ ٻين سندس استقبال ڪيو

گهارو (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن، سنڌ جي تاريخي وحدت، قومي وجود ۽ وسيلن خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو، سنڌ جي ورهاڱي جي ڪوشش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي
اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 16 ربيع الثاني 1448هہ

احتجاج جو حق، عوام جي تڪليف ڪانسواءِ هجي

دنيا جي ترقي يافتہ ۽ جمهوري ملڪن ۾ قانون جي حڪمراني کي معاشري جي بنيادي ضرورت سمجهيو ويندو آهي، جتي رياست، حڪومت، سياسي جماعتون ۽ عام شهري قانون ۽ آئين جي دائري اندر پنهنجا حق استعمال ڪندا آهن. قانون جي حڪمراني جو اصل مقصد ئي اهو آهي تہ ڪنهن هڪ ڌر جي حقن جي تحفظ سان گڏ ٻين شهرين جي حقن کي بہ متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ پاڪستان ۾، جيڪو اسلام جي نالي تي قائم ٿيو ۽ اسلامي جمهوريہ پاڪستان سڏجي ٿو اتي اڃا تائين قانون ۽ آئين جي بالادستي جو خواب مڪمل طور تي ساپيان نہ ٿي سگهيو آهي. وقت گذرڻ سان مختلف حڪمرانن طرفان آئين سان ڪيل هٿ چراند، سياسي ڇڪتاڻ ۽ ادارن جي وچ ۾ اختلافن ملڪ جي جمهوري نظام کي بار بار آزمائش ۾ وڌو آهي.

پاڪستان جي آئين هر شهري کي پرامن احتجاج، اجتماع ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار جو حق ڏئي ٿو اهو حق ڪنهن بہ سياسي يا مذهبي جماعت کي پنهنجي مرضي سان ڪسڻ نہ گهرجي، ڇو تہ اختلاف راءِ جمهوريت جو بنيادي حصو آهي. پر ساڳئي وقت احتجاج ڪندڙ ڌرين تي بہ اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي تہ سندن احتجاج سبب عام ماڻهن جي زندگي مفلوج نہ ٿئي. روڊ، رستا، شاهراهون ۽ موٽرويون عام شهرين، شاگردن، مريضن، ملازمن، واپارين ۽ مسافرن جي آمدورفت لاءِ هونديون آهن. انهن کي ڊگهي عرصي تائين بند رکڻ سان احتجاج جو اثر صرف حڪومت تائين محدود نٿو رهي، پر ان جو بار سڌو سنئون عام ماڻهو برداشت ڪري ٿو.

تازو پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ کي هڪ هفتي لاءِ ملتوي ڪرڻ کانپوءِ خيبرپختونخواهہ کان اسلام آباد ايندڙ ڪجهہ رستن تي ٽريفڪ بحال ٿيڻ ان ڳالهہ جو مثال آهي تہ سياسي سرگرمين دوران رستا بند ٿيڻ سان عام زندگي ڪيتري متاثر ٿئي ٿي. اٽڪ جي خيرآباد واري هنڌ جي تي روڊ تي چئن ڏينهن کانپوءِ ٽريفڪ بحال ٿي، جڏهن تہ پشاور_اسلام آباد موٽر وي ايم ون تان رڪاوٽون هٽائڻ جو سلسلو جاري رهيو. رپورٽ موجب لانگ مارچ کي روڪڻ لاءِ موٽر وي تي واريءَ جون ٻوريون، لوهہ جون چادرون ۽ ڪنٽينر رکيا ويا هئا. ٽيڪسلا ۾ پنجاب جي داخلا وارن رستن تي ٽريفڪ معمول تي اچڻ جي خبر سامهون آئي، جڏهن تہ ميانوالي ۾ سي پيڪ روڊ بند رهڻ جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت 27 سيپٽمبر جو لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ باوجود اسلام آباد جي ريڊ زون جي چوڌاري ڪنٽينرن جو تعداد وڌائڻ جي ڳالهہ بہ سامهون آئي آهي.

هتي بنيادي سوال اهو آهي تہ ڇا ڪنهن بہ سياسي احتجاج کي روڪڻ لاءِ عام ماڻهن جا رستا بند ڪرڻ ئي واحد رستو آهي؟ جيڪڏهن احتجاج ڪندڙن جو مقصد پنهنجو سياسي، آئيني يا عوامي مطالبو حڪومت تائين پهچائڻ آهي تہ رياست کي بہ اهڙو انتظام ڪرڻ گهرجي، جنهن سان احتجاج جو حق برقرار رهي ۽ عوام جي زندگي بہ متاثر نہ ٿئي. حڪومت ۽ انتظاميا جو ڪم رڳو رستا بند ڪرڻ يا ڪنٽينر لڳائڻ نہ، پر احتجاج لاءِ محفوظ ۽ مناسب جڳهہ فراهم ڪرڻ پڻ هجڻ گهرجي.

پاڪستان ۾ مستقل بنيادن تي اهڙي پاليسي جوڙڻ جي ضرورت آهي، جنهن تحت سياسي، مذهبي ۽ سماجي جماعتن کي احتجاج لاءِ مخصوص هنڌ فراهم ڪيا وڃن. وڏن شهرن ۾ اهڙيون جايون مقرر ڪري سگهجن ٿيون، جتي جلسا، ڌرڻا ۽ احتجاجي مظاهرا ٿي سگهن، پر انهن سرگرمين سبب شاهراهن، اسپتالن، تعليمي ادارن، ڪاروباري مرڪزن ۽ عام آمدورفت جا رستا بند نہ ٿين. ان سان گڏ احتجاج ڪندڙن کي بہ مقرر ڪيل ضابطن تي عمل ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي ۽ انتظاميا کي بہ يقيني بڻائڻ گهرجي تہ ڪنهن جماعت سان سياسي وابستگي، رنگ، نسل، قوم يا مذهب جي بنياد تي مختلف رويو اختيار نہ ڪيو وڃي.

اهڙي نظام جو فائدو اهو ٿيندو تہ هڪ طرف سياسي جماعتن کي پنهنجي آواز بلند ڪرڻ جو آئيني حق حاصل رهندو ۽ ٻي طرف عام ماڻهو بہ پنهنجي روزمرهہ جي زندگي جاري رکي سگهندا. ڪنهن مريض کي اسپتال پهچڻ ۾ رڪاوٽ نہ ايندي، شاگرد امتحان کان محروم نہ ٿيندا، ملازم پنهنجي ڪم تي وقت سر پهچندا ۽ واپارين جو ڪاروبار غيرضروري طور متاثر نہ ٿيندو. احتجاج جو مقصد عوام جي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ آهي، تنهن ڪري اهو مناسب نہ ٿيندو تہ ساڳئي عوام کي احتجاج جي نتيجي ۾ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي.

ان سان گڏ حڪومتن کي بہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ هر سياسي احتجاج جو جواب رستن کي بند ڪرڻ، ڪنٽينر لڳائڻ ۽ شهرن کي بندش ۾ رکڻ سان ڏيڻ ڊگهي مدي لاءِ مسئلي جو حل ناهي. سياسي اختلافن جو حل ڳالهين، پارلياماني عمل، قانون ۽ آئين جي دائري ۾ ڳولڻ گهرجي. جيڪڏهن احتجاج پرامن هجي تہ انتظاميا کي ان کي منظم ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن هنڌ امن امان جو حقيقي خطرو هجي تہ بہ قدم قانون جي دائري اندر ۽ ضرورت مطابق کنيا وڃن.

پاڪستان کي جيڪڏهن واقعي هڪ مضبوط جمهوري ۽ قانون تي هلندڙ رياست بڻائڻو آهي تہ پوءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر، ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪرڻو پوندو. حڪمرانن لاءِ آئين جي بالادستي، سياسي جماعتن لاءِ پرامن ۽ ذميوارانو احتجاج ۽ شهرين لاءِ قانون جي پاسداري ئي اهڙي جمهوري معاشري جو بنياد بڻجي سگهي ٿي، جتي اختلاف بہ موجود هجن ۽ عوام جو سک بہ برقرار رهي.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ملڪ ۾ احتجاج جي حق کي ختم ڪرڻ بدران ان کي منظم ڪيو وڃي، روڊن کي سياسي جنگ جو ميدان بڻائڻ بدران مخصوص احتجاجي هنڌ مقرر ڪيا وڃن ۽ هر سياسي، مذهبي توڙي سماجي جماعت کي بنا ڪنهن فرق جي انهن ضابطن جو پابند بڻايو وڃي. عوام کي احتجاج جي حق سان گڏ پرامن زندگي، آزاد آمدورفت ۽ پنهنجي روزگار جو بہ حق حاصل آهي. هڪ ذميوار جمهوري رياست جو فرض اهو ئي آهي تہ انهن سڀني حقن ۾ اهڙو توازن پيدا ڪري، جنهن ۾ نہ آواز دٻجي ۽ نہ عوام جي زندگي مفلوج ٿئي.

صوبن جو سرمنڊل ڇيڙيندڙ سرتال جا بي سرا راڳي

وزير علي سرڪي

پائوچاهي پيلا. بار بار اهو ٿي ناقابل برداشت بار! اسان جا ڪلها آهن يا قلعا؟ ڪڏهن ون يونٽ تہ ڪڏهن نوان صوبا، ڪڏهن لوڪل گورنمينٽ تہ ڪڏهن انتظامي يونٽ. ڪڏهن ڪينالن جو پائيتال تہ ڪڏهن دريائي پاڻي جي وراثت جو ٻڙڌڪ. ڪڏهن احتجاجن جو پٽڪو تہ ڪڏهن مخالف ڪارڪنن کي ڪٽڪو. ڪڏهن گهٽي گهٽي جلوسن جو خوف تہ ڪڏهن جلسن جو دٻپ. ڪڏهن پيري ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾. ڪڏهن ڪمال تہ ڪڏهن زوال. ڪڏهن نظام جي تبديلي جا افواهہ تہ ڪڏهن چهرا بدلائڻ جون ڳالهيون. ڪڏهن اليڪشن (سليڪشن) جا آسرا تہ ڪڏهن ريفرينڊم جا دلاسا. ڪڏهن ديندارن سان جهيڙو تہ ڪڏهن غير مذهبن سان ويجهڙائپ. ڪڏهن سياسي جادوگرن جيان ڌارين جي جنگ کي امن ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون. ڪڏهن گمراهہ سماج کي راهہ راست تي آڻڻ جا جتن. ڪڏهن عالمي مالي ادارن کان امداد وٺڻ جي مجبوري، ڪڏهن ورتل قرض واپس ڪرڻ جو اونو. ڪڏهن گرفتاريون تہ ڪڏهن نظر بنديون. ڪڏهن اغوا تہ ڪڏهن موت سان ملاقات. ڪڏهن مڙسي سان ڪرسي ڪسي ان جا مزا ماڻڻ. ڪڏهن محرومي، رسوائي ۽ آسمان ڏانهن رخصت. چون ٿا تہ پنهنجي ملڪ ۾ محمد علي پهريون مسنگ پرسن ۽ شهيد هيو. پر ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي! اها تہ محسن ڪشي آهي. ڪڏهن لهرن ۾ تہ ڪڏهن لوڏن ۾. ڪڏهن جيل جي سيل ۾ تہ ڪڏهن ريل ۾. اسان جي ملڪ ۾ عوامي ريلن جو زمانو تہ گذري ويو. هاڻي تہ پٽڙيون ئي گسي ۽ زنگجي ويون آهن. پاڻ تي ئي اعتماد نہ اٿن تہ ٻين تي ڪهڙو ڏوهہ. چري کي چوڙي ڪڏهن وٽي ۾ تہ ڪڏهن پيڏي ۾. يونيفارم فل سوٽ جو محتاج. ٻڌندڙ کي ڪک جو سهارو. نالي ماتر جمهوريت وارو نظام تہ جيئن تيئن هلي پيو. ڪڏهن ميٽروپوليٽن سٽي (عظيم شهر) کي وفاق سان ملائڻ جو رونشو. ڪڏهن نونشو تہ ڪڏهن چماٽ. الائجي ڪهڙو آهي هي تڪسات؟!

هي تہ اها ئي مذاق آهي جيڪا روئٽو ڳائٽو عاشق لاچار ۽ ڪلٽو فنڪار گامون سچار پاڻ ۾ ڪندا آهن. نہ اڳياڙي جو پڙاڏو، نہ پڇاڙي جو پڙلاءُ. نہ راڳ جي ڄاڻ، نہ پوڳ جي سڃاڻ. نہ پيروي جي بندش ۾، نہ تلنگ جي جن ڪن. نہ وري پهاڙي ۽ درباري جي خبر چار. "نہ انجڻ جي خوبي، نہ ڊرائيور جو ڪمال.. وطن جي واڳ ڏٽين هٿان ٿئي پيو اهو زوال." اسان جا وارث وڏڙا وڏن وٽ بنا دعوت جي ايئن وڃي پيش پوندا آهن جيئن گامون سچار عاشق لاچار جي محفل موسيقي ۾ وڃي ٽنگ اڙائي مائيڪ هٿ ۾ پڪڙي ڳالهائيندو رهندو آهي. نہ لاچار جو ڳائڻ مٿي ۾ ويهي، الائي ڪهڙي ٻولي جا ٻول ٻوليندو آهي ۽ نہ وري سچار جو ڳالهائڻ ۽ ٽوڪڻ سمجهہ ۾ ٿو اچي. پوءِ بہ عوام انهن جو پرستار.. سوين نوٽ ٿا ڪن متن نڇاور. لاچار اڪثر سچار جي چرچن تي چڙيو بہ پوي پر پوءِ وري بنا دير پرچيو بہ پوي. ٻئي نيت بد ناهن. نہ تہ روئي رد ٿي وڃين ها.

ڪنهن موقعي تي سچار ويچاري لاچار کي آن، مان، جان ۽ شان سان ماني کائڻ جي ڪوٺ ڏني. لاچار پڇيس ڇو سچار مولائي نظام دين کي ڪڍي ڇڏيو اٿئي ڇا؟ چيائين هائو يار مزو نہ پيو ڪري. هاڻي هڪڙي انگريز مسٽر هائبرڊ کي بورچي ڪري رکيو اٿم. مختلف ڪاڌن جو وڏو ماهر آهي ۽ پارٽين شارٽين لاءِ ڳجهيون جڳهيون، گهٽيون ۽ سهٽيون صلاحون بہ ڏيندو رهندو آهي. جن جي روشني ۾ آئون هن آشياني جو انتظام احسن نموني هلائي گهر ڀاتين سان ساٿ نڀائيندو آهيان. ان موقعي تي لاچار ۽ سچار هڪ معاهدي جي اسٽامپ تي دستخط بہ ڪيا جنهن جو وچور هي آهي تہ "سچار فقط ڪراچي جي علائقن اندر ڪاميڊي پروگرام ڪندو ۽ لاچار رڳو اندرون سنڌ ۾ پنهنجي راڳ رهاڻ جا واڄا وڄائيندو" پر پوءِ حرڪتي رستم شرارو ري ڪانڊيو اچي وچ ۾ پيو. چيائين تہ چريا آهيو ڇا؟ ايئن مشڪل تہ ڇا پر ممڪن ئي ناهي. ڪراچي، سنڌ جي گادي وارو هنڌ آهي، اوهان ڪير ٿيندا آهيو گادي جي هنڌ ۽ سنڌ جي سيني حصن کي ڪتي ڌار ڌار ڪرڻ وارا؟ سنڌ ڪيڪ تہ ناهي جو ڪٽيو ٿا! ڪنهن جي پيءُ جو پلاٽ آهي ڇا جو ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ چاهيو ٿا. جوئرجي ماني تہ ناهي جو پچي پورا پورا ٿا ڪيو. مڇي آهي ڇا جو ٻيرا ٻيرا ٿا ڪريو. سنڌ وطن آهي، صوبو ناهي. شرارتي شرارو جي انهي خطاب تي لاچار ۽ سچار سوچي چيو ڪيڏي نہ خطا پيا ڪريون جو هن گروجي چيلي پوڳ نڪاءِ ڇڏي مس مس ڪو سنجيدا نقطو اٿاري اسان کي جاڳايو آهي. اسان هاڻي سوشل ميڊيا وسيلي اهو سنيهو سمورن سنڌ واسين کي رسائي ڪين ڪتڪتايون ڪيڏي پڪي ننڊ مان سجاڳ ڪندا سين. اهي اکيون مهٽي اٿندا ۽ ان ٻي تڪي سوال جو رکو. ڪروءِ ڪتو جواب ڏئي احمقن جي جنت ۾ رهڻ وارن کي دوزخ جي دروازي جي داروغي جي حوالي ڪري ڏيکاريندا. هن حرڪتي تہ اڄ حق جو هوڪو ڏئي اسان جا ذهن جهنجوڙيا آهن.. پوءِ انهن ٻنهي عهدنامو ڦاڙي ڦٽو ڪيو ۽ پاڻ ۾ ياڪرين پئي هڪ ٻي سان گڏجي هڪ ٿي ويا. اڄ ڪلهہ ايم ڪيو ايم جهڙي سوچ رکندڙ ڪي بيوقوف سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ پيا ڪن. ڪن وچ وارن ماڻهن جي منهن تي ماٺ جي مهر لڳل آهي. حقيقت ۾ ڪي پنجابي ۽ ڪافي سرائيڪي نوجوان بہ سنڌ کي توڙي بہ صوبا ڪرڻ جي خاموش مخالفت ڪري رهيا آهن. ڏسو پاڪستان جا علائقا رڳو پنج آهن. پ سان پنجاب، الف سان افغانيا صوبو يا موجودا ڪي پي ڪي، ڪ سان ڪشمير، س سان سنڌ ۽ تان سان بلوچستان. اهي سڀ حرف ملائي چوڌري رحمت علي لفظ پاڪستان ناهيو هو. معنا تہ نون صوبن جي سوچڻ جو مطلب آهي پاڪستان نالي تان دستبردار ٿيڻ. هڪ بہ وڌيڪ صوبو ٺهيو تہ ترميم تہ ڇا ملڪي آئين ئي نئين سر ترتيب ڏيڻو پوندو ۽ ملڪ جو نالو بہ نئون رکڻو پوندو. نون صوبن جي تجويز جي حامين کي گهرجي تہ ٻي سري آواز ۾ سرمنڊل جون تارون ڇيڙي ٻي وقتو ۽ ٻي سرو راڳ نہ آلاپين. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت توڙي تاريخ ۽ جاگرافيائي حدن بابت ڏاڍا حساس ۽ سنجيدا آهن جن تي ڪو سمجهوتو نٿا ڪري سگهن. اسان اندروني اختلافن جي ڪري چار صوبا ئي نٿا سنڀالي سگهون ۽ بيروني مداخلت سبب ڪشمير ۽ گلگت بلتستان کي مڪمل صوبو بڻائي سگهڻ ۾ بي وس آهيون تہ پوءِ نون صوبن جا شوشا ڇڏي ملڪ کي وڌيڪ ڏکيائين ۾ مبتلا ڇو ٿا ڪيون؟ جڏهن اسين سڀ سچ پچ مخلص محب وطن آهيون تہ اسان کي گڏجي سڏجي نظام جي بهتري ۽ ڪرپشن جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن پنهنجو بہ هڪ نئون جهان جڙي پوي.

عبدالرحمان پنيرو: ايماندار ويڪسينيٽر ۽ همدرد انسان

اعجاز ممنائي

عبدالرحمان پنيرو هڪ محنتي، ايماندار ۽ فرض شناس ويڪسينيٽر آهي، جيڪو صحت کاتي ۾ پنهنجي ڊيوٽي انتهائي ذميواري سان نڀائي رهيو آهي. سندس ڪم جو بنيادي مقصد ٻارن کي خطرناڪ بيمارين کان بچائڻ ۽ صحتمند معاشرو ناهڻ آهي. عبدالرحمان پنيرو 23 مارچ 1976ع ڳوٺ ٺريو خان پنيرو لڳ مڇر ضلع نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتو پاڻ بنيادي تعليم ڳوٺ سانول خان پتو ۾ حاصل ڪئي جڏهن تہ ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين هاءِ اسڪول مڇر مان حاصل ڪري مئٽرڪ هاءِ اسڪول ٺاروشاهہ مان ڪيائين ان کان پوءِ انٽر کان بي ايس سي تائين ڊگري ڪاليج نوشهرو فيروز پاس ڪيائين عبدالرحمان پنيرو نوڪريءَ آغاز 15 سيپٽمبر 1996ع تي ويڪسينيٽر طور ڪيائين پهرئين سڪرپوءِ نوشهرو فيروز ۽ هن وقت رورل هيلٿ سينٽر مڇر ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو آهي هڪ ويڪسينيٽر جي حيثيت سان عبدالرحمان پنيرو جا مکيہ فرض هن ريت آهن

1. اي پي آئي EPIپروگرام: توسيعي حفاظتي ٽڪاڪاري پروگرام (EPI)تحت ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ. جنهن ۾ شامل آهن:

_ _ OPVپوليو کان بچاءُ لاءِ
_ 5 _ PENTAبيمارين کان بچاءُ
_ _ PCVنمونيا کان بچاءُ
_ 1_MEASLES ۽ _ 2_MEASLESارڙي کان بچاءُ لاءِ
_ _ TTمائرن لاءِ ٽيٽنس کان بچاءُ

2. ڪولڊ چين مينٽيننس: عبدالرحمان پنيرو ويڪسين کي محفوظ رکڻ لاءِ HAIERبائيو ميڊيڪل فريزر / ILRجو صحيح استعمال ۽ گرمي پد برقرار رکي ٿو 3. ريڪارڊ رکڻ: عبدالرحمان پنيرو هر ٻار جو EPIڪارڊ، رجسٽر ۽ روزاني رپورٽ مڪمل ۽ صاف رکي ٿو.

4. ڪميونٽي ۾ آگاهي: عبدالرحمان پنيرو والدين کي خاص طور تي مائرن کي سمجهائي ٿو تہ حفاظتي ٽڪا ڇو ضروري آهن.

5. فيلڊ وزٽ: عبدالرحمان پنيرو پنهنجي مقرر ڪيل علائقي (UC)۾ گهر گهر وڃي ڊيفالٽر ٻارن کي ڳولي ٽڪا لڳائي ۽ پوليو مهم ۾ ڀرپور حصو وٺي ٿو هو چاهي ٿو تہ معاشري جو هر ٻار صحتمند هجي ڇو تہ صحتمند ٻار ئي مستقبل جون واڳون سنڀالي سگهي ٿو

عبدالرحمان پنيرو پنهنجي علائقي ۾ هڪ معتبر نالي طور سڃاتو وڃي ٿو. مريضن سان نرم لهجو، وقت جي پابندي ۽ ڪم سان سچائي سندس وڏيون خوبيون آهن. آفيس ۾ ويهي ڪتاب پڙهڻ ۽ نئين ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو شوق بہ رکي ٿو عبدالرحمان پنيرو جو پيغام آهي تہ "ٻارن جي صحت، ملڪ جو مستقبل آهي. والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن کي پيدائش کان وٺي 2 سالن تائين سڀ حفاظتي ٽڪا مڪمل لڳرائين."

مطلب تہ عبدالرحمان پنيرو رڳو هڪ ويڪسينيٽر ناهي، پر هڪ اهڙو همدرد انسان آهي جنهن پنهنجي سڄي زندگي ٻين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. عبدالرحمان جو چهرو ئي ٻڌائي ٿو تہ هو ڪيترو نرم دل ۽ همدرد آهي. سندس آفيس ۾ ايندڙ هر غريب، مسڪين ماءُ توڙي پيءُ سان اهڙي شفقت سان پيش اچي ٿو ڄڻ پنهنجي گهر جو ڀاتي هجي. ڪڏهن بہ ڪنهن کي جهڙڪ نہ ڏني اٿائين، هر مسئلي کي هميشہ مسڪرائي سمجهايو اٿائين سندس ڊيوٽي رڳو ٽڪو لڳائڻ تائين محدود ناهي. اونهاري جي سخت گرمي هجي يا سياري جي ٿڌ، هو پنهنجي ٿيلهي ۾ ويڪسين جو باڪس کڻي ڳوٺ ڳوٺ، گهر گهر وڃي ٿو. ڪيترائي ڀيرا اهڙا ڪيس ٿيا آهن جو والدين انڪار ڪيو آهي، پر هن پنهنجي همدردي ۽ پيار سان ڪين راضي ڪري، ٻار جي زندگي بچائي ورتي. ڪيترائي ڀيرا ڏٺو ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪو مريض دوا لاءِ پئسا نہ ٿو رکي، تہ عبدالرحمان پنهنجي کيسي مان سندس مدد ڪري ٿو. آفيس ۾ آيل هر ڪنهن کي چانهہ پاڻي پيارڻ، عزت ڏيڻ سندس عادت آهي. هو آفيس ۾ ويهي فارغ وقت ۾ معلوماتي ڪتاب پڙهندو آهي. هو سمجهي ٿو تہ علم سان ئي انسان همدرد بڻجي ٿو. نئين ويڪسين بابت، صحت بابت نئين ڄاڻ حاصل ڪري ماڻهن تائين پهچائڻ سندس شوق آهي. اڄ سندس علائقي ۾ ٻار پوليو، ارڙي، ڪاري کنگهہ جهڙين خطرناڪ بيمارين کان محفوظ آهن تہ ان جو وڏو ڪريڊٽ هن همدرد انسان کي وڃي ٿو. ماڻهو کيس ڊاڪٽر نہ پر پنهنجو خيرخواهہ سمجهن ٿا. حقيقت ۾ عبدالرحمان پنيرو جهڙا همدرد انسان ئي اسان جي سماج جو اصل سرمايو آهن.

بقايا ❊❊❊ 01

آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب اهڙو اظهار وزيراعظم محمد شهباز شريف ڄاڻ تائين رسائي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو. جيڪو اڄ سومر تي ملهايو پيو وڃي. هن چيو تہ پاڪستان اڄ دنيا سان هم آواز ٿي ڄاڻ تائين پهچ جي عالمي ڏهاڙي تي ڄاڻ جي شهرين تائين رسائي ۽ ادارن طرفان ان جي فراهمي ۽ ڏي وٺ جي بنيادي جمهوري حق جي عزم جي پختي توثيق ڪري ٿو هن سال اهو عالمي ڏينهن "ڊجيٽل دور ۾ ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جو تحفظ: معلوماتي انتشار کي منهن ڏيڻ ۾ معلومات تائين رسائي جو ڪردار" جي عنوان سان ملهايو پيو وڃي. وزيراعظم چيو تہ اهو موضوع بجا طور ڄاڻ جي دستيابي کي درپيش هڪ اهم مسئلي جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلا شامل آهن. هن چيو تہ ڄاڻ تائين رسائي هڪ بنيادي حق ۽ شفاف جوابده ۽ باخبر معاشري جو بنياد آهي. عوام کي درست، وقت سر ۽ قابل اعتماد ڄاڻ جي فراهمي نہ صرف رياستي ادارن جي ذميواري آهي، پر هي شهرين کي باخبر فيصلا ڪرڻ ۽ قومي معاملن ۾ موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿي. وزيراعظم چيو تہ اڄ جي ڊجيٽل دور ۾ ٽيڪنالاجي ۽ سوشل ميڊيا ڄاڻ تائين پهچ کي اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آسان بڻائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ اڻ تصديق ٿيل، گمراهہ ڪندڙ ۽ ڪوڙي ڄاڻ جو تيزي سان پکڙجڻ هڪ سنگين چئلينج بڻجي چڪو آهي. وزيراعظم چيو تہ غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ معاشري ۾ بي يقيني پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ عوام جي اعتماد کي بہ متاثر ڪري سگهي ٿو ان صورتحال ۾ ڄاڻ تائين رسائي جو حق وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويو آهي. وزيراعظم چيو تہ تصديق ٿيل ۽ اعتماد جوڳي ڄاڻ جي وقت سر فراهمي، شفافيت، حقيقتن جي جاچ ۽ ذميوارانو ميڊيا ذريعي معلوماتي انتشار جو موثر مقابلو ڪري سگهجي ٿو. وزيراعظم چيو تہ پاڪستان حڪومت عوام کي درست ۽ تصديق ٿيل ڄاڻ جي فراهمي، شفافيت کي هٿي وٺرائڻ ۽ ڄاڻ تائين پهچ جي حق جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. اسان جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل ذريعن کي ڪتب آڻيندي رياستي ادارن ۽ عوام وچ ۾ موثر رابطي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. وزيراعظم چيو تہ ڄاڻ تائين رسائي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي اسان کان ان عزم جي تجديد جي تقاضا ڪري ٿو تہ اسان اهڙو ڊجيٽل ۽ معلوماتي ماحول جوڙيون جتي هر شهري کي درست، اعتماد جوڳي ۽ وقت سر ڄاڻ تائين آسان پهچ حاصل هجي ۽ ڪوڙي ۽ گمراهہ ڪندڙ ڄاڻ جي پکيڙ جي روڪٿام لاءِ اجتماعي ذميواري جو مظاهرو ڪيو وڃي. وزيراعظم چيو تہ پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل (19) اي سمورن شهرين کي عوامي اهميت جي معاملن ۾ ڄاڻ تائين پهچ جي ضمانت ڏئي ٿو ان آئيني ضمانت کي قانون سازي ۽ اداره جاتي انتظامن ذريعي شهرين لاءِ ڄاڻ جي حاصلات جي موثر نظام ۾ اختيار ڪيو ويو آهي. وزيراعظم چيو تہ پاڪستان انفارميشن ڪميشن شهرين جي حق جي رسائي کي يقيني بڻائڻ جو فورم آهي، جيڪو شهرين جي لاڳاپيل شڪايتن جو ازالو بہ ڪري ٿو سرڪاري آفيسن ۽ ادارن جي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ ۽ انهن جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ ڊيجيٽلائيزيشن جو عمل پڻ جاري آهي. وزيراعظم چيو تہ مون کي يقين آهي تہ حڪومت، ميڊيا، سول سوسائٽي، تعليمي ادارا، ٽيڪنالاجي جا ماهر ۽ شهري گڏجي ڄاڻ جي صحت ۽ صداقت جي تحفظ ۽ باخبر، ذميوار ۽ شفاف معاشري جي قيام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا.

بقايا ❊❊❊ 02

سي لاڳو ڪرڻ جو آئيني تقاضو ڪن ٿيون تہ ايمرجنسي ضرور لاڳو ٿيڻ گهرجي، پر ان لاءِ آئين ۾ ڄاڻايل سموريون گهرجون پوريون ٿيڻ ضروري آهن. ويڊيو بيان ۾ ڳالهائيندي اعظم نذير تارڙ چيو تہ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت آئين بلڪل واضح آهي ۽ ان ۾ مقرر ڪيل طريقيڪار تي عمل ڪرڻ لازمي آهي. خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ بابت سوال تي وفاقي وزير قانون چيو تہ جيڪڏهن حالتون آئيني طور ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو تقاضو ڪن ٿيون ۽ آئين ۾ ڄاڻايل شرطون پوريون ٿين ٿيون تہ پوءِ اهو قدم کنيو ويندو هن چيو تہ آئين ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو طريقيڪار واضح طور ڄاڻايل آهي ۽ جڏهن حالتون ان جو تقاضو ڪنديون تہ آئيني طريقيڪار تحت سمورا قدم کنيا ويندا.

بقايا ❊❊❊ 03

پر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي نئين سيڪريٽريٽ جو دورو ڪيو ۽ سي پي اين اي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل پي آءِ ڊي سنڌ مسز ارم تنوير پڻ موجود هئي. اجلاس ۾ ملڪ جي اخباري صنعت کي درپيش مسئلن، اخبارن جي رجسٽريشن، اي بي سي سرٽيفڪيشن، سرڪاري اشتهارن ۽ التوا ۾ پيل واجبات سميت اهم معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو. ان موقعي تي سي پي اين اي اخباري صنعت جي مسئلن کي اجاگر ڪيو ۽ چيو تہ ملڪ جي اخبارن ۽ رسالن کي رجسٽريشن جي عمل ۾ مشڪلاتن ۽ غير معمولي دير کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن جي ڪري ڪيترائي ادارا متاثر ٿي رهيا آهن. سي پي اين اي جي عملدارن پي آءِ او مسز رئيسہ عادل کي سيڪريٽريٽ ۾ پهچڻ تي ڀليڪار ڪيو ان موقعي تي سي پي اين اي جي عملدارن نئين سيڪريٽريٽ کي جديد سهولتن سان ليس ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ۽ چيو تہ مستقبل ۾ ان کي رياستي سطح تي جديد تربيت ۽ پيشہ ورانہ مرڪز طور ترقي ڏني ويندي، جتي سي پي اين اي جي ميمبرن ۽ صحافتي ادارن جي نمائندن لاءِ تربيتي پروگرام ۽ ٻيون پيشہ ورانہ سرگرميون منعقد ڪري سگهجن ٿيون. سي پي اين اي جي نمائندن 2019 کان پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ (پي آءِ ڊي) کي واجب الادا رقم جي فوري ادائيگي جو مسئلو پڻ اٿاريو ۽ چيو تہ اخباري ادارن جي مالي استحڪام لاءِ التوا ۾ پيل واجبات جي ادائيگي ناگزير آهي. پي آءِ او مسز رئيسہ عادل اي بي سي کي ٻڌايو تہ هن وقت لاڳاپيل آفيسر جي غير موجودگيءَ سبب ڪجهہ مسئلا متاثر ٿي رهيا آهن، پر آفيسرن جي مقرري جي حوالي سان پيش رفت متوقع آهي. هن چيو تہ اي بي سي ۽ رجسٽريشن سسٽم کي ڳنڍڻ جي معاملي تي بہ غور ڪيو پيو وڃي ۽ ان حوالي سان هڪ موثر نظام تيار ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي. اجلاس ۾ سرڪاري اشتهارن جي منصفانہ ورڇ جي معاملي تي بہ بحث ڪيو ويو، خاص طور تي علائقائي اخبارن ۽ رسالن ۾ اشتهار. سي پي اين اي مطالبو ڪيو تہ لاڳاپيل علائقن جي اخبارن ۾ علائقائي اخبارن ۽ مقامي اشتهارن جي اشاعت جي پاليسي کي مؤثر طريقي سان لاڳو ڪيو وڃي. پي آءِ او رئيسہ عادل يقين ڏياريو تہ علائقائي اخبارن ۾ اشتهارن سميت ٻين مسئلن جو جائزو ورتو ويندو ۽ لاڳاپيل فورمن سان ممڪن تجويزن تي صلاح مشورو ڪيو ويندو اجلاس جي آخر ۾، پي آءِ او رئيسہ عادل سي پي اين اي جو تقريب جي ميزباني ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو جڏهن تہ سي پي اين اي وفاقي وزارت اطلاعات ۽ لاڳاپيل ادارن جي اخباري صنعت جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ تعاون جي اميد ظاهر ڪئي. ان موقعي تي سي پي اين اي جو سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو، فنانس سيڪريٽري عارف بلوچ، انفارميشن سيڪريٽري منزا سهام، وائيس پريزيڊنٽ قاضي اسد عابد ۽ انور ساجدي، جوائنٽ سيڪريٽري سنڌ مقصود احمد يوسفي، سينيئر ميمبرن اعجازالحق، حامد حسين عابدي، عبدالخالق علي، بشيراحمد ميمڻ، عبدالسميع محمّد وساڻ، خليل ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. قريشي بہ موجود هئا.

بقايا ❊❊❊ 04

ون جي قيمت 128 ڊالرجي گهٽتائي سان 4 هزار 156 ڊالرجي سطح تي اچي وئي. عالمي مارڪيٽ ۾ گهٽتائي سبب مقامي صرافہ مارڪيٽ ۾ بہ في تولو سون جي قيمت 12 هزار 800 روپين جي گهٽتائي سان 4 لک 38 هزار 136 روپيہ ۽ في 10 گرام سون جي قيمت 10 هزار 973 روپين جي گهٽتائي سان 3 لک 75 هزار 631 روپين جي سطح تي اچي وئي اهڙي طرح في تولو چاندي جي قيمت 325 روپين جي گهٽتائي سان 6 هزار 578 روپيہ ۽ في 10 گرام چاندي جي قيمت بہ 279 روپين جي گهٽتائي سان 5 هزار 639 روپين جي سطح تي اچي وئي.

بقايا ❊❊❊ 05

هو تہ وزيراعظم جي يقين ڏيارڻ تي لانگ مارچ ۾ وقفو ڏنو. احتجاج تان هٿ ناهي کنيو وزيراعظم پاڪستان پهچندو تہ انهي سان ڳالهيون ٿينديون، پيٽروليم شين تي رليف ڏيڻو آهي تہ ڏيو ٻئي صورت ۾ اسان لانگ مارچ جاري رکنداسين. هن چيو تہ اسان جنهن جڳهہ تي بيٺل آهيون اتان کان پوئتي نہ هٽنداسين اسان جي پرامن احتجاج کي حڪومت ڪمزور نہ سمجهي، لانگ مارچ ملتوي ڪيو آهي نہ وري ختم ڪيو آهي، حڪومت سان ڳالهين جي باوجود جماعت اسلامي پنهنجي موقف کان پوئتي نہ هٽندي. وزيراعظم طرفان رابطہ ۽ اڳڀرائي کان پوءِ آئنده جي لائحہ عمل جو فيصلو ڪيو ويندو هڪ سوال جي جواب ۾ جماعت اسلامي جي امير جو چوڻ هو تہ سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ گهرجي، عورت سياسي قيدين جي گرفتاري ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪرڻ جوڳو نہ آهي، حڪومت عورت سياسي قيدين کي فوري طور تي آزاد ڪري، 9 مئي کان پوءِ قيد سياسي اڳواڻن کي بہ آزاد ڪيو وڃي. ياسمين راشد، اعجاز چوڌري، شاهہ محمود قريشي ۽ محمودالرشيد کي وڌيڪ قيد رکڻ جو ڪو بہ جواز نہ آهي. هن وڌيڪ چيو تہ سياسي قيدين مان ڪيترن ئي ماڻهن جي صحت بہ خراب آهي، حڪومت مسئلي کي فوري حل ڪري، حڪومت سياسي قيدين جي معاملي کي ايڊريس ڪري حالتون معمول تي آڻي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ هو تہ قوم کي اهڙي سياست ۾ منجهايو پيو وڃي جنهن جو عوام کي ڪو بہ فائدو نہ آهي، سياسي ڇڪتاڻ سبب عوام جي اصل مسئلن تان ڌيان هٽايو پيو وڃي. جماعت اسلامي صرف مخصوص سياسي پارٽين جي مطالبن تائين محدود نہ آهي. پي ٽي آءِ جون پنهنجون 3 ڊيمانڊز آهن. جماعت اسلامي سمورن سياسي قيدين جي آزادي جو مطالبو ڪري ٿي.

بقايا ❊❊❊ 06

ن آهن. 72 ڪلاڪن جي اندر سمورين گاڏيون رليز نہ ڪيون ويون تہ آئنده جي لائحہ عمل جو اعلان ڪيو ويندو ٻئي پاسي پريس ڪانفرنس جي دوران گهرو معاملن بابت وزير طلال چوڌري اسلام آباد ۾ روڊ ڪناري رکيل ڪنٽينرز تي خرچن جي باري ۾ سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ ڪنٽينر مالڪن سان ڪرايو ڏيڻ جي لاءِ منهنجي انهن سان باقاعدگي سان ملاقاتون ٿي رهيون آهن ڪنهن جو سامان وارو ڪنٽينر نہ آهي. انهن جا ماڻهو ڪرايو طئي ڪندا آهن انهي جو هڪ طريقيڪار آهي اهڙي ڪابہ شڪايت نہ ٿيندي. شهزاد اعوان دعويٰ ڪئي تہ راولپنڊي، مندره، گوجرخان، سوهاوه، دينہ، لاهور، گوجرانواله، گجرات، وزيرآباد، سيالڪوٽ، بلسڪر، تلہ گنگ، چڪوال، ميانوالي، ملتان ۽ مظفر گڙهہ ۾ بہ وڏي تعداد ۾ گاڏين کي روڪيو ويو آهي. هن چيو تہ اسلام آباد مان رليز ڪيل تقريبن 50 گاڏيون راولپنڊي ۾ ٻيهر روڪيون ويون جڏهن تہ راولپنڊي مان رليز ٿيل 40 لوڊ گاڏيون بلڪسر، تلہ گنگ ۽ چڪوال جي علائقن ۾ روڪيون ويون آهن. شهزاد اعوان چيو تہ گاڏين جي بندش سبب ٽرانسپورٽر کي روزاني ڪروڙين روپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن تہ سامان جي ورهاست جو نظام بہ متاثر ٿي رهيو آهي. انهي معاملي تي گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري، عبدالعليم خان ۽ وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءاللہ سان ملاقاتون بہ ٿي چڪيون آهن. هن چيو تہ آءِ جي اسلام آباد ۽ ڊي آءِ جي اسلام آباد جي حڪمن باوجود لوڊ گاڏين جو رليز نہ ٿيڻ ڳڻتي جوڳو آهي. وفاقي ۽ پنجاب حڪومت فوري مداخلت ڪندي سمورين لوڊ گاڏين رليز ڪرائي.

بقايا ❊❊❊ 07

جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت، سيسي جي ڪنٽريبيوشن، صنعتن جي انسپيڪشن ۽ موجوده معاشي صورتحال سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري محنت سنڌ ساجد جمال ابڙو، سيڪريٽري ورڪرز ويلفيئر بورڊ سعيد صالح جماني، ڪمشنر سيسي هادي بخش ڪلهوڙو، ڊي جي ليبر نذير احمد سومرو ۽ ايمپلائرز فيڊريشن جي وفد ۾ عبدالمجيد عزين، سيد نذر علي، همايون نظير، مهناز ڪلودي، محمد يوسف ۽ صدف لطيف شرڪت ڪئي. ان کان علاوه نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن جي عمران معيز خان، ڪاٺي جي محمد زبير چاپا، سائيٽ انڊسٽريل جي محمد طاهر گوجرا، ايچ ڊي اي جي سيد حسنين، فيڊرل بي ايريا ايسوسيئيشن جي محمد هارون شمشي، گورننگ باڊي سيسي جي ميمبر انجنيئر اير اي جبار ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ايمپلائرز فيڊريشن ۽ مختلف صنعتي ايسوسيئيشنز جي عهديدارن صوبائي وزير کي صنعتن کي درپيش مسئلن ۽ موجوده معاشي صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. صنعتي نمائندن زور ڏنو تہ ڪراچي ۾ صنعتن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن، جيئن عالمي سطح تي ملڪ جي برآمدات ۾ وڌيڪ اضافو ممڪن بڻائي سگهجي. صنعتي نمائندن مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت، سيسي جي ڪنٽريبيوشن، صنعتن جي انسپيڪشن ۽ ٻين معاملن ۾ درپيش مسئلن کان پڻ صوبائي وزير کي آگاهہ ڪيو ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت صوبي ۾ صنعتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ صنعتڪارن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. هن چيو تہ ننڍين ۽ وچولي درجي جي صنعتن کي درپيش مالي بحران جي خاتمي ۽ انهن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. سعيد غني چيو تہ جڏهن بہ پارٽي قيادت طرفان کيس محڪمہ محنت جي ذميواري سونپي وئي آهي، سندس ڀرپور ڪوشش رهي آهي تہ مزدورن، آجرن ۽ سرڪاري آفيسرن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم بڻايو وڃي. هن چيو تہ ان حوالي سان سنڌ پهريون صوبو آهي، جنهن ٽہ ڌري ڪميٽيون جوڙيون ۽ ڪيترائي اختيار انهن ڪميٽين جي حوالي ڪيا آهن. انهن ڪميٽين ذريعي مزدورن، صنعتڪارن ۽ حڪومت وچ ۾ مشاورت کي هٿي ڏني پئي وڃي صوبائي وزير چيو تہ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اعليٰ قيادت جو موقف واضح آهي تہ جيڪڏهن ملڪ کي ترقي جي راهہ تي گامزن ڪرڻو آهي تہ صنعتڪارن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪري يقيني بڻائڻو پوندو سعيد غني وڌيڪ چيو تہ گذريل هڪ سال کان صوبي ۾ ليبر ڪوڊ لاڳو ڪرڻ کان اڳ سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت جو عمل جاري آهي. ان جو مقصد اهو آهي تہ صنعتن ۽ اتي ڪم ڪندڙ مزدورن وچ ۾ باهمي هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي، صنعتن جو ڦيٿو تيزي سان هلي ۽ ان کي هلائيندڙ مزدورن جي زندگي جو معيار پڻ بهتر بڻجي. هن چيو تہ ايمپلائرز فيڊريشن آف پاڪستان ۽ سمورن صنعتي زونز جي عهديدارن طرفان اجلاس ۾ جن مسئلن ۽ ڏکيائين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، انهن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو. سعيد غني چيو تہ انهن مسئلن جي فوري حل لاءِ سيڪريٽري محنت، سيڪريٽري ورڪرز ويلفيئر بورڊ، ڪمشنر سيسي ۽ ڊي جي ليبر کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. لاڳاپيل آفيسر سمورن اسٽيڪ هولڊرز ۽ صنعتڪارن سان ملاقاتون ڪري مسئلن جو ترت ازالو يقيني بڻائيندا.

بقايا ❊❊❊ 08

دڪان جي مالڪ پاڻ پنهنجي ئي دڪان کي باهہ ڏئي ڇڏي چيو پيو وڃي تہ دڪاندار جو گهر وارن سان جهيڙو ٿيو جنهن کانپوءِ ڪاوڙ ۾ اچي هن دڪان کي باهہ ڏني. باهہ ايتري تہ شديد هئي جو سڄو دڪان سڙي رک ٿي ويو ۽ پرسان قائم برياني جي دڪان کي بہ جزوي نقصان پهتو فائر برگيڊ جي گاڏي پهچي باهہ تي ضابطو آندو پوليس واقعي جي جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا ❊❊❊ 09

ب، اغوا ٿيل پورهيتن جو تعلق مريد شاخ ويجهو ڳوٺ منل ڏهر سان آهي. پورهيت روزگار سانگي بلوچستان مزدوري ڪرڻ ويا هئا. وارثن جو چوڻ آهي تہ اغوا ٿيلن ۾ سڪندر، نعمان، شمن، نعيم، سميع خان، آفتاب، باسط ۽ انشاد احمد ڏهر شامل آهن.

بقايا ❊❊❊ 10

آءِ باني جي حڪم تي وڏ وزارت ڇڏي هئي، باني جو حڪم مليو تہ ٻيهر وڏو وزير بڻجي سگهان ٿو ميڊيا سان ڳالهائيندي علي امين گنڊاپور جو چوڻ هو تہ وفاقي حڪومت تي دٻاءُ وڌندو تہ مطالبا مڃيندي، حڪومت سان ڳالهيون ڪرڻ فيصلو ڪندڙن جو ڪم آهي هن چيو تہ لانگ مارچ بابت پارٽي جي ڪا خاص تياري نہ هئي، لانگ مارچ جي تاريخ تبديل ٿيڻ سان پارٽي هيٺئي ٿي آهي وڏي وزيرجي رِٽ نہ هئڻ سبب صوبي ۾ وزيرن، ميمبرن ۽ ڪارڪنن کي ڪنپيو پيو وڃي اڳوڻي وڏي وزير چيو تہ رنڊڪن ۽ مزاحمت باوجود احتجاج دوران ٽي ڀيرا اسلام آباد پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان موجودا وڏي وزير سهيل آفريدي سان ملاقات بابت علي امين گنڊاپور چيو تہ سهيل آفريدي سان خوشگوار ماحول ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي، اسان جي هڪ ئي پارٽي آهي، پختون آهيون ۽ گهر آيل مهمان جي عزت ڪندا آهيون.

بقايا ❊❊❊ 11

ي تي فوت ٿي ويو حادثي کانپوءِ ڪار سوار فرار ٿي ويو پوليس موجب فوتي جي فوري طور تي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي. لاش کي ضابطي جي ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس سي سي ٽي وي جي مدد سان فرار ڪارجي ڳولا ڪري رهي آهي.

بقايا ❊❊❊ 12

ن کي ايس ٽي پي ناڪام بڻائيندي. سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي "سنڌ منهنجي امان" جي سري هيٺ جاري عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ گهاري پهتو جتي ايس ٽي پي جي ضلعي صدر جلال شاهہ، ستار چانڊيو روي ڪمار ۽ ٻين سندس استقبال ڪيو. گهاري ۾ عوامي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو تہ سنڌ سنڌين جو تاريخي مادر وطن آهي ۽ ان جي وحدت خلاف ڪنهن بہ سازش کي برداشت نہ ڪيو ويندو هن چيو تہ نون صوبن جو راڳ ڳائيندڙ تاريخ کان اڻواقف آهن. سنڌ جي ڌرتيءَ کي ٽوڙڻ جي ڪنهن بہ ڪوشش کي ايس ٽي پي ناڪام بڻائيندي. هن چيو تہ پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبليءَ مان صوبي واري معاملي تي قرارداد منظور ڪرائي آهي، جيڪو سٺو عمل آهي ۽ ايس ٽي پي ان جي آجيان ڪري ٿي. ڊاڪٽر قادر مگسي عوام کي اپيل ڪئي تہ سنڌ جي ورهاڱي واري سازش خلاف ايس ٽي پي پاران 15 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ عوامي جلسي ۾ لکين ماڻهن جي انگ ۾ شرڪت ڪئي وڃي. عوامي ميڙاڪي کي خطاب ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر قادر مگسي گهاري مان ميرپور ساڪري روانو ٿي ويو.

بقايا ❊❊❊ 13

5 ورهين جو ٻيو نوجوان امان سخت زخمي ٿي پيو ريسڪيو ذريعن موجب ٻئي ٻارڙا روڊ ڪراس ڪري رهيا هئا تہ تيز رفتار گاڏي کين چيپائيندي نڪري وئي. لاش ۽ زخمي کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ ڊرائيور فرار آهي، تلاش جاري آهي.

بقايا ❊❊❊ 14

کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي ڊسٽرڪٽ سينٽرل جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن ۾ جنيد، حماد ۽ ڪاشف شامل آهن. گرفتار جوابدارن مان هڪ مقابلي ۾ زخمي ٿيو جنهن کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب جوابدارن وٽان هڪ چوري ٿيل ڪار، غير قانوني هٿيار ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 15

ہ هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو ريسڪيو ذريعن موجب حادثو تيز رفتاري ۽ اوورٽيڪنگ سبب پيش آيو فوتين ۽ زخمي کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڪري ٻنهي گاڏين کي هٽائي روڊ کي ٽريفڪ لاءِ بحال ڪري ڇڏيو آهي ۽ وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 16

۾ داخلا لاءِ ايم ڊي ڪيٽ 2026ع جا حتمي نتيجا جاري ڪيا ويا آهن ايس ٽي ايس جي پڌرائي موجب 20 سيپٽمبر تي سنڌ سميت 9 امتحاني مرڪزن ۾ ايم ڊي ڪيٽ جو امتحان ورتو ويو هو جڏهن تہ عبوري نتيجن تي وصول ٿيل سمورن اعتراضن جو جائزو وٺڻ کانپوءِ انهن بابت فيصلا ڪيا ويا آهن. پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ايم بي بي ايس ۾ داخلا لاءِ اميدوارن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 55 سيڪڙو ۽ بي ڊي ايس ۾ داخلا لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو نمبر حاصل ڪرڻ لازمي آهن ايس ٽي ايس ڪامياب اميدوارن جون فهرستون پڻ پنهنجي ويب سائيٽ تي جاري ڪري ڇڏيون آهن، جتي اميدوار پنهنجا حتمي نتيجا ڏسي سگهن ٿا.

بقايا ❊❊❊ 17

ٿي وئي آهي، جڏهن تہ ڪميشن جي مدي ۾ واڌ بابت سنڌ جي گهرو کاتي طرفان اڃا تائين ڪو فيصلو نہ ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب جوڊيشل ڪميشن شاهدن جا بيان مڪمل ڪرڻ ۽ رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ 15 آڪٽوبر تائين مدي ۾ واڌ جي درخواست ڪئي هئي، پر گهرو کاتي طرفان ڪميشن جي مدي ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن اڃا جاري نہ ڪيو ويو آهي. جوڊيشل ڪميشن جي قيام جو نوٽيفڪيشن 24 آگسٽ تي جاري ڪيو ويو هو، جڏهن تہ ڪميشن 27 آگسٽ کان باقاعده ڪم شروع ڪيو هو سنڌ جي گهرو کاتي طرفان ڪميشن کي هڪ مهيني اندر ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. ذريعن موجب ڪميشن اڄ ٻن شاهدن کي بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ طلب ڪري رکيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن جوڊيشل ڪميشن جي مدي ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري نہ ٿيو تہ شاهدن جا بيان رڪارڊ نہ ٿي سگهندا، جنهن سان ڪميشن جي جاچ ۽ رپورٽ جي تياري جو عمل متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي. هوڏانهن مير رضا جي وارثن طرفان اعليٰ پوليس آفيسرن کان بہ مختلف سوالن جا جواب طلب ڪيا ويا آهن.

بقايا ❊❊❊ 18

آهي، جڏهن تہ ملڪ جي دفاعي صلاحيتن گذريل ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ طاقت جو توازن تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ايراني سپريم ليڊر چيو تہ ايران هاڻي دارومدار ۽ ڪمزوري واري مرحلي مان نڪري خودمختياري، طاقت ۽ اسلامي دنيا ۾ هڪ نمايان مقام ماڻي چڪو آهي. مجتبيٰ خامنہ اي چيو تہ "اهو ماضي، جنهن ڏانهن اسان جو دشمن واپس وڃڻ چاهي ٿو، گذري چڪو آهي ۽ هاڻي ڪڏهن واپس نہ ايندو "مجتبيٰ خامنہ اي پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ ايران هاڻي اهڙي مرحلي تي پهچي چڪو آهي، جتي پاڻ اڳڀرائي ۽ برتري حاصل ڪرڻ واريون قوتون پناهہ ڳولين ٿيون ۽ جنگ ختم ڪرڻ جون منٿون ڪن ٿيون. واضح رهي تہ مجتبيٰ خامنہ اي پنهنجي پيءُ جي جانشيني کانپوءِ عوامي سطح تي منظرعام تي نہ آيو آهي ۽ نہ ئي سندس ڪو سڌيءَ ريت آڊيو يا وڊيو پيغام جاري ٿيو آهي. هن سان منسوب سمورا پيغام هن وقت تائين رڳو لکت ۾ سرڪاري ميڊيا يا ان سان واڳيل ذريعن ذريعي شايع ٿيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 19

بابت ڪيس خبر ناهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي سلمان اڪرم راجا چيو تہ رڳو انديشي جي بنياد تي ڪنهن جا بنيادي حق کسي وٺڻ ڪهڙو انصاف آهي؟ هن چيو تہ بي رحمي جون سموريون حدون پار ڪيون ويون آهن ۽ عليمہ خان جي نظربندي کي 9 ڏينهن گذري چڪا آهن. سلمان اڪرم راجا چيو تہ هو عدالتن کان انصاف جي اپيل ڪن ٿا، جڏهن تہ پي ٽي آءِ باني جي خاندان هڪ مثال قائم ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ پي ٽي آءِ باني محمود اڇڪزئي ۽ راجا ناصر عباس کي ڳالهين جو اختيار ڏنو آهي.

بقايا ❊❊❊ 20

نتظامي طور ناڪامي کانپوءِ هاڻي سياسي طور بہ ناڪام ٿي چڪو آهي، خيبرپختونخوا جو عوام بنيادي سهولتن لاءِ ٻين صوبن جو رخ پيو ڪري هن چيو تہ صوبي اندر تباهي ۽ بربادي پکڙجي چڪي آهي. دهشتگردي کي صوبائي حڪومت روڪي نہ سگهي هن چيو تہ افغانستان کان ٿيندڙ فائرنگ جي اڄ تائين مذمت ناهي ڪئي وئي، پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ پاڪستان سان گڏ رهڻو آهي يا افغانستان سان گڏ وفاقي وزيرچيو تہ اين ايف سي ايوارڊ تحت هر سال خيبرپختونخوا حڪومت کي اربين روپيا فنڊز ڏنا وڃن ٿا، ڪائونٽر ٽيرزازم جي مد ۾ ملندڙ رقم ڪٿي خرچ ڪئي وئي هن چيو تہ گهرو کاتي طرفان خيبرپختونخوا پوليس لاءِ جديد گاڏيون ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي، پر اها رد ڪئي وئي پي ٽي آءِ قيادت خيبرپختونخوا پوليس کي دهشتگردن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي ان موقعي تي مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري چيو تہ افغانستان بابت اوهان جو رويو ايترو نرم ڇو آهي؟ اوهان کي بلٽ پروف گاڏيون ڏنيون وڃن ٿيون، پر اوهان اهي واپس ڪري ڇڏيو ٿا هن وڌيڪ چيو تہ خيبرپختونخوا ۾ جيڪو نئون پوليس ايڪٽ آيو آهي، ان ۾ پوليس جا اختيار کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 21

پختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي مبينا غيرقانوني قدمن سبب صوبي ۾ گورنر راڄ لاءِ گهربل قانوني شرط پورا ٿين ٿا. هن چيو تہ گورنر راڄ هڪ آپشن آهي ۽ اڳتي ڪنهن بہ وقت ڪا بہ صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي امير مقام چيو تہ خيبرپختونخوا جون حالتون سڀني جي سامهون آهن ۽ صوبي جا ماڻهو ڊگهي عرصي کان دهشتگردي کي منهن ڏئي رهيا آهن. سندس چوڻ موجب خيبرپختونخوا جي عوام پي ٽي آءِ کي مينڊيٽ ڏنو ۽ پارٽي 13 سال حڪومت ڪئي، پر عوام جنهن مقصد لاءِ ووٽ ڏنو هو، اهو نظر نٿو اچي. وفاقي وزير دعويٰ ڪئي تہ موجوده وڏي وزير وٽ حڪومت هلائڻ جو تجربو ناهي ۽ صوبائي حڪومت اڃا تائين پنهنجي ترجيحن بابت واضح ناهي. هن صوبائي حڪومت تي تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن بابت گهربل ڌيان نہ ڏيڻ جو الزام بہ هنيو. امير مقام چيو تہ صوبي جو سڀ کان وڏو مسئلو امن امان آهي ۽ امن ڪانسواءِ ترقي ڏانهن اڳتي وڌڻ ڏکيو آهي. هن امن جي قيام ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ تي زور ڏنو. دهشتگردي بابت ڳالهائيندي هن پي ٽي آءِ قيادت جي ڪجهہ بيانن تي سوال اٿاريا ۽ چيو تہ سيڪيورٽي اهلڪار جانيون ڏئي رهيا آهن، تنهن ڪري سندن قربانين کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. هن سهيل آفريدي جي حڪومت جي پاليسين تي تنقيد ڪندي دعويٰ ڪئي تہ صوبائي حڪومت دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ واضح حڪمت عملي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ اهڙين حالتن جو اثر صوبي جي امن امان واري صورتحال تي پئجي سگهي ٿو.

بقايا ❊❊❊ 22

ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ واسا جي عملي ۽ ڳري مشينري کي هيٺاهين وارن علائقن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. واسا جي ايم ڊي موجب راولپنڊي ۾ تيز برسات سبب رين ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ سمورن فيلڊ آفيسرن کي متحرڪ ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو تہ واسا جو عملو ۽ ڳري مشينري هيٺاهين وارن علائقن ۾ مقرر ڪئي وئي آهي تہ جيئن برساتي پاڻيءَ جي نيڪال کي يقيني بڻائي سگهجي. واسا جي ايم ڊي موجب نالي لئي ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو هن وقت معمول موجب آهي. ڪٽاريان وٽ پاڻيءَ جي سطح 5 فوٽ، جڏهن تہ گوالمنڊي پل وٽ 2 فوٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊❊❊ 23

بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران شرجيل انعام ميمڻ، بلاول ڀٽو زرداري کي ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل عوامي ميگا منصوبن تي ٿيندڙ اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏني.

بقايا ❊❊❊ 24

جوابدار محسن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو ذريعن موجب ٻين ٻن جوابدارن احمد تنوير ۽ انهي جو ساٿي زين اڃان تائين مفرور آهن جن جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ٽيمون ڇاپا هڻي رهيون آهن. متاثر پرڏيهي عورت ڏيانا کي مبينہ زيادتي ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ سومر تي سخت سيڪيورٽي ۾ لاهور جي ڪينٽ ڪچهري ۾ پيش ڪيو ويو جتي جوڊيشل مئجسٽريٽ محمد صغير جي آڏو پرڏيهي عورت جو قلم 164 جي تحت بيان قلمبند ڪيو ويو. عورت جو هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تائين بيان رڪارڊ ڪيو ويو بيان قلمبند ٿيڻ کان پوءِ عورت کي ڳجهي رستي ذريعي عدالت کان ٻاهر آندو ويو ٻئي طرف متاثر عورت جي شروعاتي ميڊيڪل رپورٽ ۾ جنسي زيادتي جي تصديق ٿي وئي. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي تہ زيادتي ۽ رضامندي سميت سمورن رخن تي جاچ ڪئي پئي وڃي. پوليس جو چوڻ آهي تہ ٽنهي مُک جوابدارن جي گرفتاري کان پوءِ ڊي اين اي ڪرايو ويندو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي تہ سهولتڪاري ۾ عورت سميت گرفتار 3 ڄڻن معاملي کي شڪي بڻائي ڇڏيو آهي، متاثر پرڏيهي عورت جي ٽريول هسٽري ۽ بيان بہ شڪي آهن. عورت جي ڪپڙي جي ڪاروبار ڪرڻ جون شاهديون بہ نہ ملي سگهيون آهن. عورت جا 3 ڀيرا لاهور اچڻ جا سبب بہ شڪي آهن. عورت جو لاهور اچڻ تي ڪيترن ئي ماڻهن سان رابطو رهيو پوليس موجب جوابدارن جي خلاف ڊفينس ٿاڻي سي ۾ پرڏيهي عورت سان مبينہ زيادتي جو ڪيس داخل ٿيل آهي. پوليس شروعاتي طور تي انهي ڪيس ۾ 5 ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي جن کان جاچ جو سلسلو جاري آهي. پوليس موجب گرفتار ٿيل ماڻهن کان ملندڙ ڄاڻ ۽ ٻين شاهدين جي روشني ۾ مُک جوابدار تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پرڏيهي عورت پوليس کي پنهنجي شروعاتي بيان ۾ ٻڌايو هو تہ هو گذريل 15 کان 20 ڏينهن کان ڪاروبار جي سلسلي ۾ پاڪستان ۾ ترسيل آهي. عورت موجب 25 سيپٽمبر جي رات 2 وڳي اڻڄاتل چوڪرين سان ڊنر جي لاءِ هڪ ڪيفي ۾ وئي، جتي 3 اڻڄاتل موجود هئا. عورت الزام لڳايو تہ مذڪوره ماڻهو انهي کي گاڏي تي سير ڪرائڻ جي بهاني هڪ فليٽ تي وٺي ويا، جتي انهن مبينہ طور تي نشي آور شيءِ پياري بيهوش ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ٽنهي ڄڻن زيادتي جو نشانو بڻايو.

بقايا ❊❊❊ 25

جتي ابوظهبي ۾ سندس اماراتي صدر شيخ محمد بن زايد سان ملاقات ٿي. خبرايجنسي موجب نيتن ياهو جي يو اي اي دوري ۽ اماراتي صدر سان ملاقات بابت اماراتي پرڏيهي وزارت ۽ اسرائيلي وزيراعظم جي آفيس طرفان ڪو تبصرو نہ ڪيو ويو رپورٽ موجب هلندڙ سال مئي ۾ پڻ اسرائيلي وزيراعظم جي آفيس طرفان نيتن ياهو جي يو اي اي دوري ۽ اماراتي صدر سان ملاقات جي دعويٰ ڪئي وئي هئي، جڏهن تہ گڏيل عرب امارات ان وقت اهڙي ملاقات جي ترديد ڪئي هئي.

بقايا ❊❊❊ 26

تي سنڌ انفارميشن ڪميشن (SIC) ۽ پاڪستان انفارميشن ڪميشن (PIC)جي نمائندن جو هڪ اهم اجلاس سنڌ انفارميشن ڪميشن جي آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ معلومات تائين رسائي (RTI)وارن قانونن تي اثرائتي عملدرآمد ۽ ٻنهي ڪميشنن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۽ وڌائڻ جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ چيف ڪمشنر پاڪستان انفارميشن ڪميشن جناب شعيب احمد صديقي، پاڪستان انفارميشن ڪميشن جي ميمبر اعجاز اعوان، سنڌ انفارميشن ڪميشن طرفان ڪمشنرن جناب محمد سليم خان ۽ جناب نور محمد دايو شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ ٻنهي ڌرين ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو تہ شفافيت ۽ معلومات تائين رسائي وارن قانونن تي اثرائتو عملدرآمد شهرين جي معلومات تائين آسان ۽ بروقت رسائي کي يقيني بڻائڻ سان گڏ ادارتي شفافيت ۽ جوابدهي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو اجلاس ۾ پاڪستان جي سمورن انفارميشن ڪميشنن جي مشاورت ۽ شموليت سان معلومات تائين رسائي بابت ضابطن کي وڌيڪ اثرائتو ۽ هم آهنگ بڻائڻ وارو معاملو خاص طور تي بحث هيٺ آيو سنڌ انفارميشن ڪميشن تجويز پيش ڪئي تہ ملڪ جي ناميارن قانوندانن، لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز ۽ مختلف انفارميشن ڪميشنن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ رولز ڪميٽي (Rules Committee)قائم ڪئي وڃي، جيڪا سمورن RTIڪميشنن وچ ۾ تفصيلي صلاح مشوري ذريعي سڄي ملڪ ۾ ممڪن حد تائين هڪجهڙا، جامع ۽ اثرائتا ضابطا جوڙڻ لاءِ ڪم ڪري. اجلاس دوران عوام ۾ معلومات تائين رسائي جي حق بابت آگاهي وڌائڻ، سرڪاري ادارن جي صلاحيت ۾ اضافو ڪرڻ ۽ معلومات جي بروقت ۽ ازخود فراهمي (Proactive Disclosure)جي طريقيڪار کي وڌيڪ اثرائتو ۽ آسان بڻائڻ تي پڻ تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن زور ڏنو تہ شفاف حڪمراني عوامي اعتماد جي بحالي ۽ سرڪاري خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي. ٻنهي ڪميشنن معلومات تائين رسائي ۽ شفافيت جي حوالي سان پنهنجن تجربن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ ازخود معلومات جي فراهمي واري نظام کي هٿي وٺرائڻ، سرڪاري عملدارن لاءِ تربيتي پروگرامن جي سهائتا ڪرڻ ۽ شهرين کي معلومات تائين رسائي جي آئيني ۽ قانوني حق جي استعمال ۾ سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون. شرڪت ڪندڙن ان اعتماد جو اظهار ڪيو تہ ٻنهي ڪميشنن وچ ۾ وڌندڙ سهڪار جمهوري قدرن جي مضبوطي، شفافيت، جوابدهي ۽ سرڪاري ادارن کي شهرين جي ضرورتن ڏانهن وڌيڪ جوابده بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو اجلاس ۾ ٻنهي ڪميشنن جي لاڳاپيل RTIقانونن ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ جي امڪانن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، تہ جيئن معلومات تائين رسائي ۽ شفافيت جي مقصدن کي وڌيڪ اثرائتي نموني حاصل ڪري سگهجي. پاڪستان انفارميشن ڪميشن، معلومات تائين رسائي وارن قانونن ۾ بهتري ۽ انهن جي اثرائتي عملدرآمد لاءِ سنڌ انفارميشن ڪميشن پاران ڪيل ڪوششن کي ساراهيو سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ميمبرن چيف پاڪستان انفارميشن ڪمشنر جناب شعيب احمد صديقي ۽ پاڪستان انفارميشن ڪميشن جا ٿورا مڃيا ۽ RTI قانونن کي وڌيڪ اثرائتو، آسان ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ سندن مسلسل رهنمائي ۽ سهڪار کي ساراهيو اجلاس جي پڇاڙيءَ تي ٻنهي ڌرين ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو تہ عوامي آگاهي مهمن، فني سهڪار، موجوده قانونن ۾ گهربل ترميمن ۽ پاليسي سطح تي اثرائتن قدمن لاءِ گڏيل صلاح مشوري ۽ سهڪار جو سلسلو جاري رکيو ويندو تہ جيئن سرڪاري ادارن ۾ شفافيت، کليل پڻ، ديانتداري ۽ جوابدهي جي ثقافت کي وڌيڪ هٿي وٺرائي سگهجي.

بقايا ❊❊❊ 27

ڇڏي آهي، جڏهن تہ ڪابينا جو اجلاس ٻيهرين آڪٽوبر تي ٿيندو جنهن ۾ مدي ۾ واڌ بابت فيصلو ڪيو ويندو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي جبران ناصرچيو تہ اڄ ڪميشن ۾ ڪيس جي جاچ آفيسر سراج لاشاري ۽ سي پي ايل جي آفيسر ڪاشف جو بيان رڪارڊ ٿيڻو هو، جڏهن تہ اعليٰ پوليس آفيسرن کي بہ سوالناما موڪليا هئا. ڪميشن 2 سيپٽمبر تي چيف جسٽس کي آگاهہ ڪري ڇڏيو هو تہ ان جي مدي ۾ واڌ جي ضرورت آهي هن چيو تہ جاچ دوران ڪيترائي اهڙا نالا سامهون آيا آهن، جيڪي اڳواٽي جاچ ۾ ظاهر نہ ٿيا هئا ۽ انهن جا بيان پڻ رڪارڊ ڪيا ويا آهن. سندس چوڻ هو تہ جيڪڏهن ڪميشن جي جوڙجڪ جي منظوري هڪ ڏينهن ۾ ورتي وڃي سگهي ٿي تہ مدي ۾ واڌ جو فيصلو بہ ساڳئي نموني ڪري سگهجي ٿو جبران ناصر چيو تہ اعليٰ پوليس آفيسرن کان پڇيل سوالن جا جواب ڪميشن کي موڪليا ويندا، پر بهتر اهو هجي ها تہ لاڳاپيل آفيسر پاڻ ڪميشن آڏو پيش ٿين ها. سندس چوڻ هو تہ جيڪڏهن صوبائي گهرو وزير مختصر اطلاع تي ڪميشن آڏو پهچي سگهي ٿو تہ اعليٰ پوليس آفيسر بہ پيش ٿي سگهن ٿا هن چيو تہ جاچ ٽيم جو سربراهہ ايس ايس پي سميع اللہ سومرو ڪميشن آڏو پيش ٿي چڪو آهي. هيل تائين ڪميشن ۾ سامهون آيل ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ وارثن طرفان پوليس تي ڪو بہ الزام نہ لڳايو ويو آهي. سوالنامو شام 4 وڳي تائين ڪميشن ۾ جمع ڪرايو ويندو ۽ ان کي ميڊيا آڏو پڻ رکيو ويندو جبران ناصر سپر ميڊيڪل بورڊ جي جوڙجڪ تي پڻ سوال اٿاريندي چيو تہ 24 سيپٽمبر تي ڪميشن کي لکيو ويو هو تہ جيڪڏهن سپر ميڊيڪل بورڊ ناهڻو آهي تہ پوءِ ڪميشن ڇو قائم ڪئي وئي؟ هن چيو تہ جڏهن ڪميشن جي ضابطن ۾ موت جا سبب معلوم ڪرڻ شامل آهن تہ اهو معاملو بہ ڪميشن کي ئي طئي ڪرڻ ڏنو وڃي هن چيو تہ جيڪڏهن ڪنهن حقيقتون لڪايون آهن تہ اهي سامهون اچڻ گهرجن. اهو واضح ٿيڻ گهرجي تہ سپر ميڊيڪل بورڊ ڪهڙي مقصد لاءِ ناهيو پيو وڃي ۽ ڇا ٻيهر قبر کوٽي لاش ڪڍيو ويندو يا ميڊيڪل بورڊ ذريعي معاملي جي جاچ ڪئي ويندي جبران ناصرچيو تہ مير رضا جو لاش جنهن هنڌان مليو، ان بابت پڻ ڪيترائي سوال موجود آهن. اتي 9 گهٽيون آهن. جڏهن تہ ايس ايس پي سميع اللہ سومرو جي بيان موجب هڪ ئي گهٽي آهي. هن سوال ڪيو تہ ڪيترا ڪئميرائن جون رڪارڊنگ محفوظ ڪيون ويون آهن ۽ ڇا سمورين لاڳاپيل سي سي ٽي وي فوٽيج جو جائزو ورتو ويو آهي؟ هن چيو تہ پوليس چيف مقتول جي وارثن سان ملاقات دوران کين وڪيل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ بابت صلاحون ڏنيون. سوال اهو آهي تہ پوليس چيف کي هن معاملي ۾ ايتري دلچسپي ڇو هئي؟ هن چيو تہ سينيئر پوليس آفيسرن کي ڪميشن آڏو پيش ٿيڻ گهرجي جبران ناصر چيو تہ علي شاڏ بابت پڻ ڪيترائي سوال موجود آهن. سندس مطابق علي شاڏ کان پڇيو ويو تہ وائس نوٽ اي ايس پي ندا کي موبائل فون ذريعي ڇو نہ موڪليو ويو هن چيو تہ علي شاڏ جي گلستان جوهر واري گهر جو معائنو اتي موجود سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ سندس تازو اچ وڃ بابت پڻ جاچ ٿيڻ گهرجي هن چيو تہ ڪميشن پڻ شفافيت تي زور ڏنو آهي، تنهنڪري سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ٿيڻ گهرجي. هن چيو تہ جيڪڏهن جاچ دوران قاتلن بابت ڪو نتيجو سامهون آيو آهي تہ ان کي شاهدين جي بنياد تي واضح ڪيو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 28

عبدالقدير ٻيڙ مطابق سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ٻارن کي وظيفا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي هي وظيفا تعليمي سال 2026_27 لاءِ هوندا. درخواست فارم حڪومت پاڪستان اسٽيبلشمنٽ ڊويزن، اسٽاف ويلفيئر آرگنائيزيشن بلاڪ نمبر 66_A پاڪستان سيڪريٽريٽ صدر ڪراچي مان 31 آڪٽوبر 2026 تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. هن فيصلي تحت وفاقي سرڪاري ملازمن جي زير ڪفالت ٻارن کي تعليمي وظيفا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 29

کي خطاب ڪندي سنڌ جي رانديين ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزير سردار محمد بخش خان مهر چيو تہ انشاءاللہ جلد ئي سوئمنگ پول ايسوسيئيشن سان گڏجي سنڌ جي سڀني ڊويزنن ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ سهولتن سان مطابقت رکندڙ سوئمنگ پول ناهڻ جو اعلان ڪنداسين. هن چيو تہ سنڌ حڪومت رانديگرن جي فروغ ۽ عورت رانديگرن جي حوصلا افزائي لاءِ پرعزم آهي، ۽ عورت رانديگرن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ قدم کنيا ويندا.

بقايا ❊❊❊ 30

ي ملي ۽ صاف پاڻي کان محروم آهن. امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي. حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا شهرين جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ سندن جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ فوري قدم کڻن. هن اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ڪيماڙي جي پي ايس 112 عوامي رابطي واري آفيس جي افتتاح جي موقعي تي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي ڊويزن جي صدر ايڊووڪيٽ انور عظيم خان، ضلعي ڪيماڙي جي صدر نذير احمد بلوچ، جنرل سيڪريٽري عبدالقوي، پي ايس 113 جي صدر مشتاق، جنرل سيڪريٽري اسماعيل، ضلعي ميمبر جان محمد سميت پي ايس 111، پي ايس 113، پي ايس 114 ۽ پي ايس 115 جي عهديدارن ۽ ڪاراحب پاڳاري سيد صدرالدين شاهہ جي حق ۾ نعرا پڻ هنيا ويا. سردار عبدالرحيم چيو تہ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" جي فلسفي تحت عوام وچ ۾ موجود آهي. عوامي رابطي وارن دفترن جي ڪيترن ئي علائقن ۾ شهرين کي مٺو ۽ صاف پاڻي دستياب ناهي. پاڻي جهڙي بنيادي ضرورت لاءِ عوام کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن تہ پاڻي جي غيرقانوني وڪري جون شڪايتون پڻ سامهون اچي رهيون آهن. لاڳاپيل ادارا پاڻي جي مسئلي جو مستقل حل ڪڍڻ بدران خاموش تماشائي بڻيل رهيا تہ عوام جون ڏکيائون وڌيڪ وڌنديون. سردار عبدالرحيم چيو تہ ڪيماڙي ۾ امن امان جي صورتحال پڻ انتهائي خراب آهي، اسٽريٽ ڪرائم ۾ واڌ شهرين لاءِ مسلسل خوف ۽ پريشاني جو سبب بڻجي رهي آهي. شهرين کان موبائل فون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦرڻ جا واقعا عوام کي غيرمحفوظ بڻائي رهيا آهن. حڪومت ۽ پوليس کي اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ اثرائتا ۽ عملي قدم کڻڻا پوندا. هن چيو تہ ماوي، گٽڪي ۽ منشيات جي کليل عام وڪري سان نوجوان نسل جو مستقبل خطري ۾ پئجي رهيو آهي. انهن سماجي برائين خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪرڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ڪيماڙي جي عوام کي اڪيلو نہ ڇڏيندي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ هر لاڳاپيل فورم تي آواز اٿاريندي. سردار عبدالرحيم چيو تہ عوام کي صاف پاڻي، صحت، تعليم، روزگار، بهتر بنيادي ڍانچي ۽ امن امان فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. ڪيماڙي جا عوام پڻ ڪراچي جي ٻين علائقن جيان بنيادي سهولتن جا حقدار آهن. کين نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هن چيو تہ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل عوامي طاقت ۽ تنظيمي اتحاد ذريعي عوام جا مسئلا اجاگر ڪندي. پي ايس 112 عوامي رابطي واري آفيس عوام ۽ پارٽي وچ ۾ رابطي جو اثرائتو ذريعو ثابت ٿيندي ۽ هتي ايندڙ شهرين جا مسئلا لاڳاپيل اختيارين تائين پهچايا ويندا. ڪراچي ڊويزن جي صدر ايڊووڪيٽ انور عظيم خان چيو تہ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪيماڙي سميت ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ عوام سان رابطي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهي آهي. عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪارڪنن کي فعال ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ هر علائقي ۾ عوام وچ ۾ موجود رهڻو پوندو. ضلعي ڪيماڙي جي صدر نذير رمضان چيو تہ ضلعي ۾ پاڻي جي غيرقانوني وڪري، ماوي، گٽڪي ۽ منشيات سميت ٻين مسئلن خلاف ڀرپور آواز اٿاريو ويندو عوام جي بنيادي مسئلن تي خاموش نہ ويهنداسين ۽ لاڳاپيل ادارن کان انهن جي حل جو مطالبو جاري رکيو ويندو تقريب جي نظامت ضلعي ڪيماڙي جي جنرل سيڪريٽري عبدالقوي ڪئي. تقريب ۾ شريڪ عهديدارن ۽ ڪارڪنن تنظيمي اتحاد جو مظاهرو ڪندي عوام سان رابطي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ ڪيماڙي جي شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا ❊❊❊ 31

ن بابت انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب لاهور هاءِ ڪورٽ جي پرنسپل سيٽ ۽ ٽن علائقائي بينچن ۾ 5 ڏينهن دوران مجموعي طور 6473 ڪيس اڪلائي ڇڏيا ويا، جڏهن تہ ان عرصي دوران 3415 نوان ڪيس داخل ٿيا. رپورٽ موجب لاهور هاءِ ڪورٽ جي پرنسپل سيٽ تي 1957 نوان ڪيس داخل ٿيا، جڏهن تہ عدالت طرفان 3301 ڪيس اڪلائي ڇڏيا ويا.

بقايا ❊❊❊ 32

۾ تيل جي اگهن ۾ ٻيهرواڌ ٿي وئي آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران تڪرار جي خاتمي ۽ آبنائي هرمز ٻيهر کولڻ بابت ايران جي تجويز رد ڪرڻ کانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جا اگهہ وڌي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب سومر ڏينهن برينٽ ڪچي تيل جي قيمت ۾ 1.82 ڊالر يعني 1.74 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ في بيرل قيمت 106.14 ڊالر ٿي وئي. آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ (ڊبليو ٽي آءِ) ڪچي تيل جي قيمت ۾ بہ 1.14 ڊالر يعني 1.23 سيڪڙو اضافو ٿيو، جنهن کانپوءِ في بيرل اگهہ 93.55 ڊالر رهيو آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل دعويٰ ڪئي آهي تہ صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران جي 7 ڏينهن واري جنگبندي جي تجويز رد ڪري ڇڏي آهي، اخبار موجب ٽرمپ پنهنجي صلاحڪارن کي چيو آهي تہ نومبر ۾ مڊٽرم چونڊن کانپوءِ ايران تي ٻيهر بمباري شروع ٿي سگهي ٿي. ٽرمپ کي يقين ناهي تہ تهران سندس مطالبا قبول ڪندو.

بقايا ❊❊❊ 33

يليٽيشن ڊيسڪ " قائم . آفيسر نامز ڊويزنل ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن حيدرآباد ۾ صحافين ، ميڊيا نمائندن ۽ تسليم شده پريس ڪلبن جي جائز مسئلن جي فوري حل لاءِ "جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ " (Journalists' Facilitation Desk)قائم ڪيو ويو آهي _ ان سلسلي ۾ سيڪريٽري اطلاعات سنڌ جي هدايت تي ڊويزنل سطح تي قائم ڪيل ان ڊيسڪ جون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ ڊائريڪٽوريٽ جي ٻن آفيسرن کي نامزد ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات حيدرآباد محمد يعقوب پٽي ۽ اطلاعات آفيسر شبير آرائين شامل آهن _ قائم ڪيل فيسيليٽيشن ڊيسڪ ورڪنگ صحافين ۽ ميڊيا پرسنز جي مالي سهائتا، طبي هنگامي صورتحال جي ڪيسن ۽ ٻين درپيش مسئلن جي حوالي سان درخواستون وصول ڪندي ۽ ان جي فوري حل ۾ معاونت فراهم ڪندي _ ان کان علاوه اها ڊيسڪ موصول ٿيندڙ درخواستن ۽ ان تي ڪيل قدمن جو مڪمل رڪارڊ مرتب ڪري اعليٰ اختيارين کي باقاعدگي سان رپورٽ پڻ ارسال ڪندي _ ان سلسلي ۾ صحافي، ميڊيا نمائندا ۽ پريس ڪلبن جا نمائندا پنهنجن جائز مسئلن ۽ لاڳاپيل درخواستن جي حوالي سان جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ، ڊويزنل ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن حيدرآباد سان فون نمبر 022_9200922 تي رابطو ڪري سگهن ٿا _ اطلاعات کاتي جي ان قدم جو مقصد صحافي برادري ۽ پريس ڪلبن سان ويجهي رابطي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ سندن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي _

بقايا ❊❊❊ 34

غريب موٽر سائيڪل سوار جي زندگي ڳڙڪائي وئي ۽ فرار ٿي وئي، پر شهر ۾ ڪٿي بہ قانون نظر نہ آيو ڇيپا انارميشن بيورو موجب 30 ورهين جو پورهيت گلو ولد علي حسن ٿڏي تي فوت ٿي ويو ۽ 35 ورهين جو خالد ولد غلام رسول زندگي ۽ موت جي ڪشتي ۾ آهي. سوال اهو آهي تہ آخر ذميوار ڪير آهي هي ڪو پهريون حادثو ناهي. گلبائي کان شيرشاهہ تائين هي روڊ هيوي ٽريفڪ لاءِ موت جو کوهہ بڻيل آهي. ٽريفڪ پوليس رڳو موٽر سائيڪل وارن جا چالان ڪندي نظر ايندي، پر ڏينهن ڏٺي تيز رفتار ڊمپر، ٽرالر ۽ ڪوچز کي ڪير پڇندو سي سي ٽي وي ڪيمرائون ڪٿي آهن گلبائي پل جهڙي مصروف شاهراهہ تي بہ نامعلوم گاڏي فرار ٿي وڃي، اها سنڌ حڪومت ۽ ڪراچي ٽريفڪ پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليہ نشان آهي غريب جي لاش سول اسپتال منتقل ٿي ويندي، وارثن کي 1020 تي فون ايندي ۽ فائل بند. ڇا غريب جي رت ايتري سستي آهي جيڪڏهن انتظاميا کي جاڳائڻو آهي تہ گلبائي پل تي اسپيڊ چيڪ، ٽريفڪ سگنل ۽ پوليس پڪٽ قائم ڪئي وڃي، نہ تہ سڀاڻي هڪ ٻيو گلو هن سسٽم جي بي حسي جي ور چڙهي ويندو.

بقايا ❊❊❊ 35

ي واري صنعتي تنصيب 7 مهينن کانپوءِ ٻيهر فعال ٿي وئي نان ريسورسز ڊابيجي ۾ صنعتي ڪارخانو هلائيندڙ چيني ڪمپني آهي، جنهن جي صنعتي تنصيب فيبروري 2026ع کان بند هئي، جنهن دوران ڪمپني کي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو ڪمپني صنعتي تنصيب سان لاڳاپيل معاملي جي حل لاءِ ايس آءِ ايف سي جي مداخلت ۽ سهڪار کي ساراهيو آهي ايس آءِ ايف سي لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪري معاملو حل ڪرايو جنهن کانپوءِ ڪارخانو ٻيهر فعال ٿي ويو ايس آءِ ايف سي جي سهڪار سان پرڏيهي سيڙپڪارن جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا عوامي سوچ 01

جو جياپو آهي، درياءَ تي قبضو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين جيسيتائين هڪ به سنڌي جي سسي ۾ ساهه آهي ڀرپور مزاحمت ڪنداسين، هنن چيو ته سنڌو درياءَ سنڌي قوم جي امانت آهي سنڌي عوام جي مرضي بغير سنڌو مان ليڪو به نٿا ڪڍي سگهو اسان سنڌين جي تهذيب ثقافت، سنڌو درياءَ صدين کان سڃاڻپ آهي سمورن سنڌ دشمن منصوبن کي سنڌ جو عوام رد ڪري چڪو آهي سنڌ مان نڪرندڙ قدرتي وسيلن تيل گئس ڪوئلو ۽ ٻين جي حق حاڪميت به سنڌي قوم جي آهي حڪمرانن کي گهرجي ته سنڌ جي وسيلن تان قبضا ختم ڪيا وڃن اسان سنڌين لاءِ سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي جنهن لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين سنڌي قوم جي جنگ جاري رهندي ،ان موقعي تي قافلي جي صورت ۾ ڪامريڊ غُلام قادر لغاري جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن جو وڏو انگ درياءَ کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ دادو مورو پُل روانو ٿي ويو جتي درياءَ بادشاهه کي گل نڇاور ڪيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 02

۾ گرفتار، هٿيار ۽ ايمونيشن هٿ ڪرڻ جي دعويٰ. پوليس موجب جهوڪ ـ ٻٺورو روڊ تي پڏو اسٽاپ پرسان گشت دوران مبينا هٿياربندن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪئي، جنهن تي پوليس پاران جوابي فائرنگ ڪئي وئي. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿي پيو، جنهن کي هٿيار سميت گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد يوسف عرف ميندرو چانڊيو طور ٿي آهي. ٻئي طرف جاتي پوليس موجب راڄهيا سم نالي پرسان مبينا هٿياربندن خلاف ڪارروائي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن ۾ ٽي جوابدار پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيا، جن کي هٿيار ۽ ايمونيشن سميت گرفتار ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 03

ن شاگردن 7 ڪلوميٽر پيادل ريلي ڪڍي شاهه واهه بس اسٽاپ وٽ مين حيدرآباد_ بدين روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي آهي ٿي وئي آهي احتجاجي مظاهرو ڪندڙ معصوم ٻارڙن جو چوڻ آهي ته اسڪول تي استاد نه هجڻ سبب سندن تعليم متاثر ٿي رهي آهي جيستائين اسڪول تي استاد مقرر نٿو ڪيو وڃي اسان روڊ تان نه اٿنداسين

بقايا عوامي سوچ 04

حضرات ۽ عاشقان رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محفلِ ميلاد ۾ پير طريقت، رهبر شريعت حضرت علامه مولانا مفتي شفيق احمد قادري خصوصي خطاب ڪندي سيرتِ طيبه ﷺ، عشقِ رسول ﷺ ۽ حضورِ اڪرم ﷺ جي تعليمات تي تفصيلي روشني وڌي. هن چيو ته نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ سيرت سموري انسانيت لاءِ هدايت، محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو روشن مثال آهي ان موقعي تي مفتي تنوير احمد نقشبندي، مولانا وزير احمد تنيو نقشبندي، حضرت علامه مولانا احمد رضا قادري سڪندري، علامه مولانا ظفر علي چانڊيو قادري، مولانا ذوالفقار علي عماري قادري ۽ علامه نصير احمد تنيو حسيني سميت ٻين علمائن ڪرام ۽ نعت خوان حضرات پڻ شرڪت ڪئي محفل دوران عاشقان رسول ﷺ پاران وڏي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن ته نعت خوان حضرات بارگاهه رسالت ﷺ ۾ نعتن جا نذرانا پيش ڪري محفل جي روحاني ماحول کي وڌيڪ پرنور بڻائي ڇڏيو آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي، ترقي، امن ۽ استحڪام سميت امتِ مسلمه جي ڀلائي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 05

ي صدارت هيٺ ٿي گڏيو، جنهن ۾ هاري يونين جي مرڪزي اڳواڻن، عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي هاري اڳواڻن چيو ته سنڌ جو هاري ۽ پورهيت طبقو سنڌ جي ڪنهن به انتظامي ورهاست جو حامي ناهي ۽ سنڌ کي تقسيم ڪرڻ جون ڪوششون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. هنن چيو ته ڪجهه ڌريون سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي پاڻ ۾ ويڇائي نفرتون وڌائڻ چاهين ٿيون. پر سنڌ جو باشعور عوام اهڙين ڪوششن کي ناڪام بڻائيندو هنن واضح ڪيو ته "سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي". جڏهن ته سنڌ ۾ نوان انتظامي يونٽ ناهڻ بابت ٿيندڙ ڳالهيون سنڌ جي هاري ۽ پورهيت عوام رد ڪري چڪو آهي. هاري اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ هاري جي حقن بابت ڪنهن به قدم تي خاموش نه ويهنداسين. اجلاس ۾ سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ جي معاملن تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪندي اڳواڻن چيو ته هڪ طرف سنڌ جي پاڻي جي حقن تي سوال اٿاريا وڃن ٿا ۽ ٻئي طرف سنڌ کي انتظامي طور ورهائڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون، جيڪي سنڌ جي هاري ۽ پورهيت طبقي لاءِ ڳڻتي جوڳيون آهن. اجلاس جي ايجنڊا ۾ هاري يونين جي تنظيم سازي، ميمبرشپ ۾ واڌ، تنظيمي ڍانچي کي وڌيڪ فعال بڻائڻ ۽ هاري پورهيتن جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ان موقعي تي هاري يونين جي مرڪزي اڳواڻن ڪامريڊ حاجي خان شيخ، سليم شيخ، سليمان جاکرو، مقبول شيخ سميت ٻين اڳواڻن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس جي پڄاڻي تي هاري اڳواڻن سنڌ جي هاري ۽ پورهيت طبقي کي منظم ڪري سنڌ جي معاشي، سماجي ۽ بنيادي حقن لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 06

ڳوٺ گلشير بروهي ۾ بروهي هائوس تي پهچي نئين جي بروهي برادري جي معزز انجنيئر حاجي خير محمد بروهي جي فرزند سردار شاهد حسين بروهي ۽ سيٺ نورالدين بروهي جي فرزند مير بالاچ بروهي کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي ڪين عمري جون مبارڪون ڏيئي ڪين لونگيون پهرايون ويون. ان موقعي تي بروهي برادري جو معزز اڳوڻو تعلقي نائب ناظم انجنيئر حاجي خير محمد بروهي، ڊاڪٽر عبدالواحد بروهي، سيٺ نورالدين بروهي، سردار مهرالله بروهي، حاجي رسولي بروهي، حاجي الهڏنو بروهي، شاهد حسين بروهي، شهباز بروهي، جهانزيب مينگل بروهي محمد ايوب ملاح، اڪبر شورو، STPاڳواڻ سيد جلال شاهه، ناٿو بروهي، عبدالحڪيم بروهي، عثمان هنگورو، لطيف بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي حاجي خير محمد بروهي، ڊاڪٽر عبدالواحد بروهي، حاجي الهڏنو بروهي، سردار شاهد بروهي، سردار مهرالله بروهي، حاجي رسولي بروهي ۽ ٻين پاران آيل مهمانن جو مانائتو استقبال ڪري ڪين پڻ لونگين جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي صحافين سان ڳالهائيندي چيو غير ذميوار ماڻهن جي ڪري ئي هن ملڪ جو نظام ڪولئپس ڪري پيو. هتي ڪڏهن به پارليامينٽ کي بااختيار نه ڇڏيو ويو آهي. ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته چونڊيل نمائندن جي چونڊجڻ جا رستا بند آهن. مرضي جا من پسند ماڻهو اسيمبلي ۾ چونڊي موڪلين ٿا. هن چيو ته آئين ۾ پنهنجي مرضي جون تبديليون ڪن ٿا ۽ جڏهن پوءِ نظام نٿو هلي، تڏهن ڦرلٽ ۽ ڪرپشن جي بازار گرم ٿيو وڃي. هن چيو ته هاٿي جهاز خريد ٿين پيا. ڪامورن لاءِ ليند ڪروزر خريد ٿين پيون. هر ادارو ڪرپٽ آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته صوبن ۽ مادر وطن جو ڪو ڏوهه ناهي. هاڻي انهن وزيرن جي بيانن سان ملڪ ۾ وڌيڪ انارڪي پيدا ٿيڻ ڪري هو ملڪ ۾ بغاوت جو سماءُ پيدا ڪن پيا. وزير کي ڪابينا مان فارغ ڪري سندس ذهني توازن چيڪ ڪرايو وڃي. هن چيو تلاش ڪرڻ لاءِ جي ڌمڪي ڏني پئي وڃي جو اهڙي ڳالهائي پئي وڃي. ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي تقسيم قبول ناهي. اهو طئي آهي. ايس ٽي پي سربراهه وڌيڪ چيو ته سنڌ اسيمبلي جي قرارداد ڪانهي وزير جو دماغ ڪ گهمي ويو ۽ ڌمڪين تي لهي آيو آهي. ملڪ جون جيڪي پاپولر طاقتون آهن. پ پ، نواز ليگ، پي ٽي آءِ، اين اين پي، سنڌ جون قومپرست پارٽيون سڀ چاهين ٿيون ته صوبا نه ٺهن. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ڪشمير مان احتجاجي ڌرڻو ختم ناهي ٿيو. بلوچستان جون حالتون خراب آهن. قومي ترانو نٿو هلي سگهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جي امڪاني ورهاڱي انتظامي يونٽن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران عوامي رابطا مهم تيزي سان جاري آهي. هن چيو ته سنڌ منهنجي امان سري هيٺ ٿي جي دوري دوران نئين جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ عوام پاران اسانجو شاندار استقبال ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته عوام کي گهرجي ته هو اسانجو ساٿ ڏين اسان ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي تقسيم ڪرڻ نه ڏينداسين. ان لاءِ جيڪا ۽ قرباني ڏيڻي پئي ته ان کان به نه ڪيائينداسين

بقايا عوامي سوچ 07

ن ۾ استعمال ٿيندڙ 2 پسٽل ۽ هڪ لٽ پڻ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب ساڪرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر گلزار علي تنيو ۽ سب انسپيڪٽر شبير دائودڄ سميت پوليس عملي گشت دوران ڪجهه اطلاع تي پير محمودائي لنڪ روڊ، صابو گبول ڳوٺ پرسان ڪارروائي ڪئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ڪجهه جوابدار مبينا طور سنيچنگ جي ارادي سان بيٺل هئا. جن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي، جنهن بعد پوليس حڪمت عملي اختيار ڪندي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته سندن هڪ ساٿي فرار ٿي ويو گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ گلزار حسين ولد محمد حسين خاصخيلي، نور حسن ولد گل حسن وراڻو ۽ واحد ولد محمد صديق لاشاري طور ڪئي وئي آهي. پوليس موجب جوابدارن جي قبضي مان 2 پسٽل ۽ هڪ لٽ هٿ ڪئي وئي آهي. ابتدائي جاچ دوران گرفتار جوابدارن مبينا طور انڪشاف ڪيو آهي ته ملوث هجڻ جو انڪشاف ڪيو آهي. پوليس موجب جوابدارن جو رڪارڊ حاصل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ساڪرو ٿاڻي تي جوابدارن خلاف FIR نمبر 226/2026، 227/2026، 228/2026 مختلف ڏوهن تحت داخل ڪيون ويون آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن جو وڌيڪ ڪرمنل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي. ايس ايس پي ٺٽو پاران ڪارروائي ڪندڙ پوليس پارٽي کي بهتر ڪارڪردگي تي شاباش ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 08

س مان اٽاري لوهه سيمنٽ جي بهاني ٻاهر ونئي ويو. اسان لوهه ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين ته سائين سٽ بيٺل همراهه آفيس ۾ وڃي خاني ۾ پيل هڪ لک پنجهتر هزار روپيا ڪڍي موٽر سائيڪل تي چڙهي ڀڄي رهيو. تيسين سامان ونڍڻ لاءِ آيل همراهه به سامان نه ونڍ جو چئي هن سان موٽر سائيڪل تي چڙهي ۾ ون فائيو چوڪي طرف روانو ٿي ويو. اٽون جڏهن پنهنجي آفيس ۾ موٽي ايس ڏنم ته ٽيبل جي خاني ۾ رکيل هڪ لک پنجتر هزار روپيه گم ٿي ويا. جنهن بعد چورن جي ڳهڻي ڳوليا ڪئي پر ڪجهه به پتو نه پيو ۽ ڪامياب ٿي ويا. جنهن بعد ٿاڻي تي وڃي ٽيبل چوري جي اين سي ڪٽرائي. جنهن بعد پوليس اسان کي يقين ڏهاني ڪرائي، پر افسوس سان اڄان تائين پوليس چورن جي خلاف ۽ نه پهتي آهي. انهي موقعي تي هن ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جا چوري ٿيل پئسا واپس ڪرايا وڃن

بقايا عوامي سوچ 09

ڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، جاويد ناريجو، گلڻ پنڊ، سرور جلال، آفتاب پنڊ، ولي چانڊيو، رياض ناريجو، رضوان منگي، سخي سردار چارڻ، راجا ڪوريجو، محمد رفيق چنه ،ڪامران ڪورائي خطاب ڪندي چيو ته زبون عمارت جي ڇت جي تعمير لاءِ ضلعي ڪائونسل ۽ چونڊيل نمائندن توڙي ڊي سي دادو کي روبرو توڙي لکت ۾ آگاهه ڪيو هو پر ضلعي ڪائونسل انتظاميه جي مجرمانا غفلت سبب وقت سر مرامتي ڪم نه ٿيو ۽ ڇت ڪري پئي نقصان جي ذميوار ضلعي ڪائونسل آهي ته هڪ ارب 30 ڪروڙ بجيٽ ڪٽي ۽ ڪيئن خرچ ٿئي ٿي واقعي ۾ عهديدارن سميت ٻيا 40 صحافي معجزاتي طور بچي ويا آهن 3 ڏينهن اندر عمارت جو تعميراتي ڪم شروع ڪرايو وڃي زخمي صحافين جي علاج جا جوڳا انتظام ڪري ڪوتاهي ۾ ملوث ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي نه ته هو احتجاجي تحريڪ جو دائرو سڄي ضلعي ۾ وڌائيندا گذريل ڏينهن ڇت ڪرڻ سبب 9 صحافي عبدالستار شيخ، نديم شاهاڻي، علي گل چنا، سجاد سولنگي، شيراز شيخ، شوڪت ملاح، محرم شينو، ديدار شيخ ۽ شاهد ڪرل زخمي ٿي هئا

بقايا عوامي سوچ 10

تان ۾ قديم مقبرن جي حفاظت ۽ نگراني بابت هڪ ڀيرو ٻيهر سنجيده سوال اڀري آيا آهن. جتي سامهون آيل وڊيو/تصويرن ۾ ٻارن کي تاريخي مقبرن مٿان چڙهي ڊوڙندي ۽ جمپ ڏيندي ڏسي سگهجي ٿو عبدالله شاهه اصحابي درگاهه جي سامهون واقع تاريخي مقبرن جي موجوده حالت اڳ ئي زبون آهي. ان باوجود انهن حساس آثارن تي ٻارن جو چڙهڻ ۽ راند ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو ته آثارِ قديمه کاتي طرفان ماڳ جي نگراني ۽ تحفظ جا انتظام ڪيترا مؤثر آهن. واقعي واري هنڌ جي سامهون اوقاف کاتي جي چوڪي پڻ قائم آهي. تنهن هوندي به ٻارن کي تاريخي مقبرن تي چڙهڻ کان روڪڻ لاءِ ڪو عملي قدم نظر نه آيو البته. تاريخي آثارن جي مستقل حفاظت ۽ نگراني جي بنيادي ذميواري بابت سوال آثار قديمه کاتي کان پڇيو وڃي ٿو مڪلي تاريخي قبرستان يونيسڪو جي عالمي ورثي واري فهرست ۾ شامل اهم ماڳ آهي. جڏهن ته سنڌ جي Antiquities Act, 1975 تحت محفوظ آثارن جي تحفظ لاءِ قانوني ذميواريون پڻ موجود آهن. اهڙي صورتحال ۾ تاريخي ڍانچن کي انساني سرگرمين سبب ممڪن نقصان کان بچائڻ لاءِ مؤثر نگراني، حفاظتي انتظام ۽ عوامي آگاهي ضروري آهي. سوال اهو آهي ته مڪلي جي قديم مقبرن کي وڌيڪ نقصان پهچڻ کان پوءِ ئي آثار قديمه کاتو جاڳندو يا زبون حال تاريخي ورثي جي حفاظت لاءِ اڳواٽ عملي قدم کنيا ويندا؟ متعلق کاتي کي گهرجي ته وائرل ويڊيو جو نوٽيس وٺي، ماڳ جي نگراني سخت ڪري ۽ تاريخي مقبرن کي وڌيڪ نقصان کان بچائڻ لاءِ فوري حفاظتي انتظام يقيني بڻائي

بقايا عوامي سوچ 11

وڌائڻ لاءِ صحت کاتي ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي پاران مختلف آگاهي پروگرام منعقد ڪيا ويا، جن ۾ آگاهي سيمينار، ريبيز بابت واڪ ۽ ڪتن لاءِ مفت ويڪسينيشن ڪيمپ شامل هئا. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر متياري ڊاڪٽر زاهد صدر جي صدارت هيٺ ڊي ايڇ او آفيس متياري ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ضلعي جي ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر زاهد صدر چيو ته متياري ضلعي ۾ ريبيز کان بچاءَ لاءِ 9 اينٽي ريبيز سينٽرز قائم آهن. جتي ريبيز جي ويڪسين موجود آهي. ڊاڪٽر زاهد صدر عوام کي هدايت ڪئي ته ڪتي جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ زخم کي فوري طور صاف وهندڙ پاڻي ۽ صابڻ سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين ڌوئڻ گهرجي. جنهن کان پوءِ بنا دير ويجهي اينٽي ريبيز سينٽر تي پهچي ڊاڪٽر جي مشوري موجب ويڪسين لڳرائي وڃي. سيمينار جي پڄاڻي تي ريبيز بابت آگاهي واڪ پڻ منعقد ڪئي وئي. ٻئي طرف لائيو اسٽاڪ کاتي پاران پڻ ورلڊ ريبيز ڊي جي حوالي سان اينٽي ريبيز آگاهي واڪ ۽ منعقد ڪئي وئي، جنهن جي اڳواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر ڪئي. واڪ ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر حبيب شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر رياض احمد لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فاروق لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر طارق رحيم لاکو سميت ٻين ڊاڪٽرن، آفيسرن ۽ لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. واڪ کي خطاب ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر مظاهر چيو ته ريبيز بابت عوام ۾ وڌ کان وڌ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ هي واڪ منعقد ڪئي وئي آهي. هن چيو ته گهرن ۾ پاليل يا ماڻهن جي حفاظت لاءِ رکيل ڪتن کي وقت سر ريبيز جي ويڪسين لڳرائڻ ضروري آهي. جڏهن ته لائيو اسٽاڪ کاتي وٽ ڪتن لاءِ ويڪسين موجود آهي. ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر رياض احمد لغاري چيو ته ڪتي جي چڪ ۽ ريبيز کان بچاءَ بابت عوام ۾ وڌ کان وڌ آگاهي پيدا ڪرڻ ضروري آهي. هن چيو ته ريبيز هڪ خطرناڪ پر روڪ ٿام لائق بيماري آهي. جنهن کان بچاءَ لاءِ بروقت ويڪسينيشن انتهائي اهم آهي. هن وڌيڪ چيو ته لائيو اسٽاڪ کاتو سوشل ميڊيا ۽ ٻين پليٽ فارمن ذريعي پڻ عوام ۾ ريبيز بابت مسلسل آگاهي فراهم ڪري رهيو آهي. ان سان گڏ سرڪاري ويٽرنري اسپتال متياري / اينيمل هيلٿ ايڪسٽينشن سينٽر متياري ۾ ڪتن لاءِ مفت ريبيز ويڪسينيشن ڪيمپ پڻ لڳائي وئي. جتي RABISINويڪسين ذريعي پالتو جانورن کي مفت ويڪسينيشن فراهم ڪئي وئي. شهرين ۽ پالتو جانورن جي مالڪن ڪيمپ مان فائدو حاصل ڪندي پنهنجن ڪتن کي ويڪسين لڳرائي. ريبيز ڊي جي انهن سرگرمين جو مقصد "Rabies: One Health, Zero Deaths" جي پيغام تحت انسانن ۽ جانورن ٻنهي کي ريبيز کان محفوظ رکڻ، پالتو جانورن جي ذميوار نگراني ۽ بروقت ويڪسينيشن بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ هو. پروگرام ۾ صحت کاتي، لائيو اسٽاڪ کاتي، سول سوسائٽي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 12

ي گهارو، ساڪرو، ٻهارا ۽ ڳاڙهو جو دورو ڪيو ۽ مختلف ميڙاڪن کي خطاب ڪندي عوام کي 15 آڪٽومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ پرامن اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. خطاب دوران ڊاڪٽر قادر مگسي مقامي سطح تي زمينن جي حوالي سان خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته ڌاٻيجي کان گهارو ۽ ڪيٽي بندر تائين زمينن جي معاملن تي مقامي ماڻهن کي پنهنجي ملڪيتن ۽ حقن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي. ۽ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن زمينن جي وڪري جو سلسلو نه روڪيو ويو ته مقامي آباديءَ کي سخت مشڪلاتن کي مُنهن ڏيڻو پوندو. هن زور ڏنو ته ڪراچي ۾ 15 نومبر تي لکين ماڻهو گڏجي اهو پيغام ڏيندا ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي پيپلز پارٽي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ پاس ڪرايل قراردادون ۽ قانوني قدم ساراهه جوڳا آهن. ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ هر مثبت قدم جي حمايت ڪنداسين. مخالف سياسي ڌرين يا ايم ڪيو ايم بابت ذڪر ڪندي هن تاريخي حوالي ڏيندي چيو ته ماضيءَ جي سياسي تجربن مان سبق وٺڻ گهرجي ۽ ڪنهن به غير آئيني يا متضاد ايجنڊا تي عمل ڪرڻ بدران جمهوري ۽ آئيني اصولن کي اهميت ڏيڻ گهرجي هڪ سوال جي جواب ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي واضح ڪيو ته هو ضلعي ٺٽي سميت سڄي سنڌ مان عوامي خدمت ۽ سياسي سرگرمين جو آئيني حق رکن ٿا. هن چيو ته آئين ۽ قانون موجب هر سياسي ورڪر کي پرامن سياسي سرگرمين جو حق حاصل آهي. جنهن تحت هو پنهنجي مهم کي اڳتي وڌائيندا

بقايا عوامي سوچ 13

ڪي معاشي طور بااختيار بڻائڻ ۽ انهن جي ڪاروباري صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ بيداري آرگنائيزيشن ميرپورخاص جي سهڪار سان عورتن جي ڪاروباري نمائش 30 سيپٽمبر 2026ع تي حورين بينڪوئٽ، کپرو بائي پاس روڊ، ڪچي ايس جي ويجهو، ميرپورخاص ۾ منعقد ٿيندي. نمائش ۾ مختلف شعبن سان لاڳاپيل عورتون پنهنجون تيار ڪيل شيون ۽ مصنوعات پيش ڪنديون. جڏهن ته مختلف سرڪاري کاتن پاران آگاهي ۽ سهولتڪاري جا اسٽال پڻ قائم ڪيا ويندا. جتي عورتن کي سرڪاري خدمتن، ڪاروباري موقعن ۽ مارڪيٽ سان رابطن بابت رهنمائي فراهم ڪئي ويندي. ضلعي انتظاميا شهرين، خاص طور عورتن کي اپيل ڪئي آهي ته هو نمائش ۾ شرڪت ڪري عورتن جي ڪاروباري سرگرمين جي حوصلا افزائي ڪن.

بقايا عوامي سوچ 14

رمين ڀڳوان داس ڪچي جي حامين پاران پريس ڪلب ميرپورخاص اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. احتجاج ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدار خلاف فوري ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي نعريبازي ڪئي ۽ چيو ته ڀڳوان داس ڪچي جي ٿيل مبينا حملي باوجود اڃا تائين ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي. جنهن سبب سندن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ۽ جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. ڌرڻي سبب ڪجهه وقت لاءِ علائقي ۾ ٽريفڪ جي رواني به متاثر رهي. هوڏانهن لاڳاپيل اختياريرن طرفان واقعي بابت جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جي حوالي سان ڪا باضابطه وضاحت سامهون نه اچي سگهي هئي

بقايا عوامي سوچ 15

تس ضلعي گهوٽڪي جي سڏ تي صحافين طرفان ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان ڌرڻو تفصيل موجب خانپور مهر مان مبينا طور اغوا ٿيل صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس ضلعي گهوٽڪي جي سڏ تي صحافين پاران ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي لالا قادر پتو لطيف لغاري، قاضي اڳن شر مشتاق ميراڻي، الله وسايو وسير ساحل قاضي قمرسميت تنظيمن جي اڳواڻن مير حسن لاشاري، جسقم مرڪزي اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ جسم مرڪزي اڳواڻ ڪمال مهر نظير احمد شيخ، پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ نثار بوزدار ۽ ٻين جو چوڻ هو ته صحافي عظيم سيال کي ٻه ڏينهن اڳ گهوٽڪي ضلعي جي شهر مان خانپور مهر مان اغوا ڪيو ويو آهي پر جديد ٽيڪنالاجي جي دور هجڻ باوجود گهوٽڪي پوليس ڪرمنل سيل بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته صحافي عظيم سيال کي فوري طور بازياب ڪرائي، سندس اغوا ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ صحافين ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي بي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻي پاسي ڊي ايس گهوٽڪي پريس ڪلب ٻاهران پڻ صحافين پاران مقبول بوزدار تاج ٿانوري جي اڳواڻي ۾ صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو عظيم سيال جي بازيابي جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 16

ن تي گڏريو تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سکر پاران تعلقي اسپتال روهڙي ۾ عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ جي حوالي سان آگاهي واڪ، سيمينار ۽ هيلٿ ايجوڪيشن سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن جو موضوع گڏجي مضبوط ون هيلٿ اپروچ ـ ماڻهو + جانور + صحت جو نظام رکيو ويو تقريب جو مقصد عوام ۾ ريبيز ۽ ڪتن جي چڪ کان بچاءُ بروقت طبي امداد ۽ ويڪسينيشن بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو آگاهي واڪ جي قيادت ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊاڪٽر فرخ ٻنيرو، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سکر ڊاڪٽر علي گل شاهه ۽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ٽي ايڇ ڪيو اسپتال روهڙي ڊاڪٽر عامر علي سُرهيو ڪئي واڪ ۾ اسپتال جي ڊاڪٽرن، پيراميڊڪس، اسٽاف ۽ ليڊي هيلٿ وزٽرز سميت صحت کاتي جي عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ سرڪاري بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريبيز کان بچاءَ بابت آگاهي ڏني بينرن تي عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ 28 سيپٽمبر 2026 گڏجي مضبوط ريبيز جو خاتمو ممڪن آهي جا نعرا درج هئا جڏهن ته شرڪت ڪندڙن پاران ڪتن کي ويڪسين ڏيو، ريبيز روڪيو ريبيز کان بچاءُ ممڪن آهي ۽ زخم کي 15 منٽ صابڻ سان ڌوئو زندگي بچايو جهڙا نعرا پڻ هنيا ويا ان موقعي تي خطاب ڪندي صحت کاتي جي عملدارن چيو ته ريبيز هڪ خطرناڪ پر روڪٿام جوڳي بيماري آهي جنهن کان بچاءَ لاءِ ڪتن جي بروقت ويڪسينيشن، ڪتي جي چڪ لڳڻ ڪانپوءِ فوري طور زخم کي صابڻ ۽ پاڻي سان چڱيءَ طرح ڌوئڻ ۽ بنا دير طبي مرڪز سان رابطو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي هيلٿ ايجوڪيشن سيشن دوران صحت جي عملي شرڪت ڪندڙن ۽ شهرين کي ريبيز جي علامتن، ڪتن جي چڪ ڪانپوءِ اختيار ڪرڻ وارن ضروري قدمن ۽ حفاظتي ويڪسين جي اهميت بابت آگاهي ڏني ماهرن زور ڏنو ته ڪتي جي چڪ کي معمولي نه سمجهيو وڃي چاڪاڻ ته بروقت علاج ۽ احتياطي اپاءَ انساني جان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا سيمينار ۾ ون هيلٿ اپروچ تحت انسانن، جانورن ۽ صحت جي نظام جي گڏيل ڪردار تي پڻ روشني وڌي وئي مقررن چيو ته ريبيز جي خاتمي لاءِ رڳو انساني صحت جي شعبي جون ڪوششون ڪافي ناهن پر جانورن جي ويڪسينيشن، آوارا ڪتن جي روڪٿام ۽ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل سهڪار سان ئي بيماري تي اثرائتي نموني ضابطو آڻي سگهجي ٿو تقريب جي آخر ۾ صحت کاتي جي عملدارن عوام کي اپيل ڪئي ته ڪتن جي چڪ جي صورت ۾ گهريلو ٽوٽڪن بدران فوري طور طبي مرڪز سان رابطو ڪيو وڃي ۽ ريبيز کان بچاءَ لاءِ صحت کاتي پاران ڏنل هدايتن تي عمل ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 17

شاليمار ايڪسپريس ۾ سفر دوران سيالڪوٽ واسي 22 ورهين جو محمد سليمان ولد محمد مصروف راجپوت جي اوچتو سندس طبيعت خراب ٿي وئي ٽرين روهڙي ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ تي ريلوي پوليس نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلقه اسپتال روهڙي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نوجوان سان گڏ سفر ڪندڙ دوست شاهزيب ٻڌايو ته هو ٽئي دوست هڪ ڪمپني ۾ انٽرويو لاءِ ڪراچي آيا هئا ۽ واپس سيالڪوٽ وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ محمد سليمان جي اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي ريلوي پوليس جي ڊيوٽي انچارج حليم بلوچ موجب نوجوان جي وارثن سان رابطو ٿي چڪو آهي جڏهن ته قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد فوتي جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 18

البو تفصيل موجب خانپورمهر جي سينئر صحافي عظيم سيال جي اغوا کي ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس پاران هن وقت تائين ڪو به سراغ نه لڳائڻ خلاف سنڌ جي ٻين شهرن جيان روهڙي ۾ به روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي اهتمام هيٺ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي صدر محمد عثمان ڪهنجو ۽ روهڙي پريس ڪلب جي صدر مجاهد بوزدار ڪئي ان موقعي تي محمد اسلم سومرو، اي ڊي ڪهنجو، جمشيد قريشي، حيدر مستوئي، جمال ڪنبر، راجا رياض ميمڻ، سيف الله بلوچ، شاهد ميراڻي، نثار پاپي سميت صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين خطاب ڪندي چيو ته خانپورمهر ضلعي گهوٽڪي جي سينئر صحافي عظيم سيال جو هٿياربندن هٿان اغوا ٿيڻ ۽ سندس گاڏي جي حد مان برآمد ٿيڻ پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليه نشان آهي هنن چيو ته هڪ ضلعي مان صحافي کي اغوا ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻئي ضلعي مان گاڏي برآمد ٿئي ٿي اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پوليس جون ناڪابنديون ۽ چيڪ پوسٽون ڪهڙيون محفوظ بڻائڻ جون دعوائون رڳو ڪاغذن تائين محدود آهن اغوا ڪار هڪ ڪروڙ روپين جي ڀوڳ جو مطالبو ڪري رهيا آهن جنهن سبب متاثر خاندان سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا آهي مظاهرين چيو ته سنڌ ۾ صحافت ڪرڻ ڄاڻي واڻي ڏکيو ٿي چڪو آهي ۽ صحافين کي پنهنجي تمام ڪمن مشڪل بڻايو پيو وڃي ٻهرين ڪوڙين ايف آءِ آرون، ڪوڙا ڪيس، تشدد، قتل ۽ هاڻي اغوا براءِ تاوان جهڙا ڏوهه عام ٿي چڪا آهن جنهن جو مقصد حق ۽ سچ جي آواز کي دٻائڻ آهي مظاهرين چيو ته جيڪڏهن پوليس جي چوڻ موجب ڪچو سيف آهي ته پوءِ اغوا ڪار ايترو آسانيءَ سان ڪچي طرف ڪيئن پهچي ويا؟ اهو ثابت ڪري ٿو ته ڏاڍين جو نيٽ ورڪ اڃا تائين نه رڳو قائم آهي پر مضبوط آهي ۽ ان کي پوليس اندر موجود ڪاري رڍن جي پٺڀرائي حاصل آهي آخر ۾ صحافي برادري جي سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس ايس پي سکر کان پرزور مطالبو ڪيو ته سينئر صحافي عظيم سيال کي فوري طور تي باحفاظت بازياب ڪرائي ملوث جوابدارن ۽ سندن سهولتڪارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي ملڪ ۾ وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 19

د جي مختلف معاملن تي بحث ڪيو ويو. ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويا آهن ۽ باقي دوست ۽ معززين رابطي ۾ آهن. اهم اتحادي سردار طارق خان اوڊ جي والد جي وفات سبب 10 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ طئي ٿيل اجلاس ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي. اتحاد جي معززين ۽ دوستن سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي اجلاس جي تاريخ جو اعلان ڪيو ويندو. ان موقعي تي رئيس محمد فاروق پلال ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 20

سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن مان جت ۽ ميرجت برادري جي معزز شخصيتن، سماجي اڳواڻن ۽ برادري جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي دوران جت ۽ ميرجت برادري جي معزز اڳواڻن ۽ شرڪت ڪندڙن جي مشاورت سان نزاڪت علي ميرجت کي جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جو چيئرمين چونڊيو ويو. نزاڪت علي ميرجت جي چونڊ تي آيل مهمانن ۽ برادري جي معزز شخصيتن پاران کيس مبارڪباد پيش ڪئي وئي. جڏهن ته روايتي سنڌي ثقافت موجب کيس اجرڪ ۽ لُنگين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. گڏجاڻي ۾ پيپلزپارٽي جهنڊو مري جي صدر محمد صالح ميرجت، فيصل ميرجت، خادم حسين ميرجت، سڪندر علي ميرجت، سردار نبي بخش جت، مختيارڪار غلام شبير ميرجت، محمد عيسيٰ ميرجت، ساجن مير، ممتاز علي ميرجت احمد بغدادي، جت رضا علي ميرجت، محمد حق نواز ميرجت، محمد صديق ميرجت، ڊاڪٽر علي حسن ميرجت، حافظ عبدالغني، ابراهيم ميرجت، عنايت علي جت، قربان علي، حاجن ميرجت، شعيب ميرجت سميت سنڌ ۽ بلوچستان مان آيل جت ۽ ميرجت برادري جون ٻيون ڪيترئون ئي معزز شخصيتون پڻ موجود هيون. ان موقعي تي نئين چونڊيل چيئرمين نزاڪت علي ميرجت خطاب ڪندي چيو ته جت ۽ ميرجت برادري جي هر ڏک گهڙيءَ ۾ گڏ بيهنداسين ۽ برادري جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي اجاگر ڪري انهن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ڪئي ويندي. نزاڪت علي ميرجت چيو ته برادري جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اتحاد ۽ اتفاق کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي. تنظيم جو مقصد ڪنهن هڪ علائقي تائين محدود نه هوندو، پر سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ جت ۽ ميرجت برادري سان رابطي ۾ رهي برادري جي مسئلن کي اجاگر ڪيو ويندو. هن چيو ته تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. خاص طور تي نوجوانن کي تعليم جي برابر حق ملڻ گهرجي. برادري جي نوجوانن ۽ نيائين کي تعليم طرف راغب ڪرڻ سان ئي مستقبل ۾ برادري کي وڌيڪ مضبوط ۽ ترقي يافته بڻائي سگهجي ٿو. چيئرمين نزاڪت علي ميرجت وڌيڪ چيو ته جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن کي سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف ضلعن ۽ تعلقن تائين منظم انداز ۾ وڌايو ويندو، هر ضلعي ۽ تعلقي سطح تي باڊيون ۽ يونٽ قائم ڪري ذميواريون ڏنيون وينديون. جيئن مقامي سطح تي برادري جي مسئلن جو بروقت حل ڪري سگهجي. هن چيو ته جت ۽ ميرجت برادري جا مسئلا تنظيم جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن. جڏهن ته تعليم، روزگار، سماجي ڀلائي، نوجوانن جي اڳتي وڌڻ ۽ ضرورت مند خاندانن جي مدد لاءِ گڏيل طور تي ڪم ڪيو ويندو گڏجاڻي جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن پاران جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جي نئين چونڊيل چيئرمين نزاڪت علي ميرجت لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته نئين قيادت برادري جي اتحاد، ڀلائي ۽ مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي

بقايا عوامي سوچ 21

سي خاطر سنڌ جي ساحيلي ڪي اسلام آباد حوالي ڪن ٿا 15 نومبر تي سنڌ منهنجي امان جي سري هيٺ لکين ڌرتي ڌڻين ڪراچي ۾ گڏ ٿي سنڌ ۾ نئون صوبي ۽ انتظامي يونٽ کي رد ڪندا سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي گاڙهو شهر ۾ قوم پرست اڳواڻ مرحوم ڪامريڊ چاچا علي بخش لاشاري جي ستين ورسي جي موقعي تي خطاب ڪندي چيو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جو چوڻ هو ته سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي، جنهن جي پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ آهي. سنڌ جي وحدت جي بقاءَ جي جدوجهد ۾ اسان هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي حدن سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين. هن چيو ته نون صوبن جو راڳ ڳائيندڙ تاريخ کان اڻ واقف آهن. تاريخي وطنن جي وحدت سان هٿ چراند ڪرڻ بدران ملڪ جي حقيقي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي. ملڪ اندر نظام نوان نون صوبا ناهڻ سان نه پر ڪرپشن، بدعنواني، نااهلي ۽ اقرباپروري جي خاتمي سان بهتر ٿيندو. ڪرپشن ۽ بدعنوانين سبب ملڪ جي معيشت تباهه ٿي وئي آهي. حڪمران عوام کان قربانيون گهرن ٿا پر پنهنجا شاهاڻا خرچ ۽ غيرضروري مراعتون ختم ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. ملڪ مٿان قرضن جو بار وڌي رهيو آهي. تجربا ڪرڻ بند ڪيا وڃن ۽ شفاف حڪمراني، آئين ۽ جمهوري روايتن جي بالادستي، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ عوام جي بنيادي حقن کي يقيني بڻايو وڃي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن ۽ سنڌ جي ڌرتي، تاريخي وحدت، قومي وحدت ۽ وسيلن خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪندا. سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان "سنڌ منهنجي امان" جي سري هيٺ هلندڙ عوامي رابطا مهم سنڌ جي ماڻهن ۾ پنهنجي ڌرتي، قومي حقن ۽ وسيلن بابت وڌيڪ سجاڳي پيدا ڪري رهي آهي "سنڌ منهنجي امان" جي سري هيٺ 15 نومبر تي ڪراچي ۾ مزارِ قائد تي لکين ڌرتي ڌڻين گڏ ٿيندا هن جو چوڻ ته سامونڊي پٽي کي ترقي جي نالي تي ڦريو لٽيو پيو وڃي ڌرتيءَ ڌڻين کي بي دخل ڪرڻ لاءِ سامونڊي پٽي جي شاخن جو هٽراڊو پاڻيءَ بند ڪري لکين ايڪڙن زرعي زمينون کي بنجر بڻايو ويو آهي پيپلزپارٽي ڊبل پاليسي آهي هڪ طرف قومي ڪارڪنن تي پوليس گردي ڪري ٿي سنڌ منهنجي امان جي جهدو جهد ڪندڙ کي گرفتار ڪري اسلام آباد کي خوش ڪري ٿي ٻئي طرف سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرائي ٿي اسان کي پيپلزپارٽي جي ويساهگاتي تي اعتبار نه آهي اسان پنهنجي جهدو جهد جاري رکندا

بقايا عوامي سوچ 22

ڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو تائين ڪڍي وئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو عوام کي ڪتي جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ فوري ۽ مناسب علاج، ويڪسينيشن ۽ احتياطي تدبيرن بابت آگاهي ڏيندي اهم پيغام ڏنو. آگاهي واڪ ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر، تعلقه هيلٿ آفيسرن، اينٽي ريبيز فوڪل پرسن، هيلٿ ايجوڪيشن آفيسر ۽ صحت کاتي سان لاڳاپيل ٻين آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي. آگاهي واڪ جو مقصد عوام ۾ اهو شعور اجاگر ڪرڻ هو ته ڪتي جي چڪ کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نه ڪيو وڃي ۽ انساني جان بچائڻ لاءِ بروقت ۽ مڪمل ويڪسينيشن ضرور ڪرائي وڃي. ان کان علاوه اينٽي ريبيز فوڪل پرسن ڊاڪٽر فرمان علي ابڙو ۽ هيلٿ ايجوڪيشن آفيسر مس حرا قاضي پاران پبلڪ هيلٿ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ آگاهي سيمينار پڻ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪتي جي چڪ، اينٽي ريبيز ۽ ويڪسينيشن بابت تفصيلي معلومات فراهم ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن عوام کي اپيل ڪئي ته اينٽي ريبيز وائرس کان بچاءَ ۽ قيمتي انساني جانين جي تحفظ لاءِ هن اهم پيغام کي وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچايو وڃي ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 23

وڪري بابت شڪايتون. 7 گريڊ جي فاريسٽ گارڊ کي مبينا طور 14 گريڊ جي پوسٽ تي مقرر ڪرڻ جو معاملو به سامهون اچي ويو تنڊو محمد خان ضلعي ۾ فاريسٽ کاتي جي ڪارڪردگي، انتظامي معاملن ۽ مبينا بي ضابطگين بابت مختلف شڪايتون سامهون اچڻ ڪانپوءِ کاتي جي معاملن تي سوال اٿڻ لڳا آهن. جڏهن ته لاڳاپيل اختيارين کان معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. ذريعن موجب ضلعي ۾ فاريسٽ کاتي جي ڪجهه معاملن بابت اهڙا الزام سامهون آيا آهن ته عدالتي حڪمن تي مبينا طور مڪمل عملدرآمد نه ڪيو ويو. جڏهن ته سوين ايڪڙ سرڪاري زمين مبينا طور مقاطي تي ڏني وئي آهي. ان سلسلي ۾ زمينن جي الاٽمينٽ، مقاطي جي شرطن، قانوني طريقيڪار ۽ سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿيندڙ آمدني بابت رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ جي ضرورت ظاهر ڪئي پئي وڃي. ٻئي طرف ڪاٺ جي ڪٽائي ۽ مبينا وڪري بابت پڻ شڪايتون سامهون آيون آهن. ذريعن پاران الزام لڳايو ويو آهي ته رات جي وقت لکين روپين جي ماليت جو ڪاٺ منتقل يا وڪرو ڪيو ويو. جنهن جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪٽائي، منتقلي، وڪري، اجازت نامن ۽ سرڪاري رڪارڊ جي جاچ ضروري قرار ڏني پئي وڃي. فاريسٽ کاتي جي معاملن ۾ ملازمن جي مقررين ۽ ترقيءَ بابت پڻ سوال اٿاريا ويا آهن. ذريعن موجب 7 گريڊ جي فاريسٽ گارڊ کي مبينا طور 14 گريڊ جي پوسٽ تي مقرر ڪيو ويو آهي. ان مبينا مقرري بابت سوال ڪيو پيو وڃي ته ڇا لاڳاپيل ملازم جي ترقي يا مقرري وقت سروس رولز، گهربل اهليت، سينيئرٽي ۽ مقرر ڪيل قانوني طريقيڪار تي عمل ڪيو ويو يا نه. شهرين ۽ لاڳاپيل ڌرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن فاريسٽ کاتي بابت سامهون آيل شڪايتن ۾ حقيقت آهي ته ان سان سرڪاري زمين، قدرتي وسيلن ۽ سرڪاري خزاني کي نقصان پهچڻ جو خدشو آهي. تنهن ڪري معاملي کي نظرانداز ڪرڻ بدران مڪمل رڪارڊ سامهون آڻي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. ذريعن پاران اعليٰ فاريسٽ اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته تنڊو محمد خان ضلعي ۾ سرڪاري زمينن جي مقاطي، ڪاٺ جي ڪٽائي ۽ وڪري، عدالتي حڪمن تي عملدرآمد ۽ ملازمن جي مقررين ۽ ترقيءَ جو رڪارڊ طلب ڪري قانون ۽ سروس رولز جي روشني ۾ جاچ ڪئي وڃي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن به قسم جون بي ضابطگيون ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

ٿيل سونا زيور ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ورتي سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او سب انسپيڪٽر عبدالغفار ڦلپوٽو عملي سان گڏ خفيه اطلاع ۽ ٽيڪنيڪل ذريعن جي مدد سان ڪارروائي ڪندي ٻه ڏينهن اڳ سول جج محمد رمضان گوپانگ جي گهر مان چوري ٿيل سونا زيور ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ورتا پوليس موجب ڪارروائي دوران واقعي ۾ ملوث مرڪزي جوابدار حسنين گوپانگ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سندس قبضي مان چوري ٿيل سونا زيور ۽ روڪ رقم پڻ برآمد ڪئي وئي آهي ٻئي طرف ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ حسن سردار احمد خان نيازي پاران قمبر سٽي پوليس جي ايس ايڇ او ۽ ٽيم کي ڪارروائي تي شاباش ڏني وئي آهي. جڏهن ته پوليس اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 25

ع جي چونڊن ۾ صدر جي عهدي لاءِ نديم احمد صديقي، سينيئر نائب صدر جي عهدي لاءِ محمد فهد مياڻ ۽ نائب صدر جي عهدي لاءِ عرفان عاربياني غير سرڪاري طور بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا آهن. اعلان موجب چونڊن لاءِ هڪ ئي گروپ سان تعلق رکندڙ مختلف عهدن لاءِ پنهنجا پنهنجا نامزدگي وارا ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. بعد ۾ باهمي صلاح مشوري ۽ غلط فهمي ختم ٿيڻ کان پوءِ صدر جي عهدي جي اميدوار ڊاڪٽر محمد اسماعيل فاروق نامي ۽ محمد ڪاشف شيخ، سينيئر نائب صدر جي اميدوار سڪندر علي راجپوت، جڏهن ته نائب صدر جي اميدوار محمد اسلم ميمڻ پنهنجا نامزدگي وارا ڪاغذ واپس ونئي ڇڏيا. نامزدگي وارا ڪاغذ واپس وٺڻ کان پوءِ ڄاڻايل ٽنهي عهدن لاءِ ترتيبوار نديم احمد صديقي، محمد فهد مياڻ ۽ عرفان عاربياني واحد اميدوار رهجي ويا. جن کي غير سرڪاري طور بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي. حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جي سال 2026_28ع جي چونڊن جي نتيجن جو حتمي ۽ باضابطه اعلان 30 سيپٽمبر 2026ع تي منعقد ٿيندڙ جنرل باڊي جي اجلاس ۾ ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 26

ڪيڏ واري واقعي بابت ڪيس جي ٻڌڻي اڄ چاچڙو جي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ ٿي. عدالت جي حڪم تي ڏاچي جي مالڪ ليلو ميگهواڙ متاثر ڏاچي کي عدالت آڏو پيش ڪيو. ذريعن موجب ٻڌڻي دوران ڏاچي جي مالڪ ۽ ڪيس ۾ شاهد جاٽاپل بن جڻن جا بيان پڻ قلمبند ڪيا ويا. واضح رهي ته تقريبن ٽي مهينا اڳ ڏاچي جي مالڪ جي فرياد تي ڳوٺ بنگل رند جي رهواسين حمزو، مختيار، روشن، ممتاز ۽ اختر رند سميت ڇهن جوابدارن خلاف ڪينسر ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو واقعي جو ان وقت سنڌ جي وڏي وزير پڻ نوٽيس ورتو هو. ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي *17 آڪٽوبر* تي مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 27

مانائي جي واقعي ۾ نامزد جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف وارثن احتجاج ڪيو سورج مانائي جي امڙ جهمون، والد پومون ميگهواڙ ۽ ڏاڏو ڪيمون ميگهواڙ معصوم نياڻين سان گڏ ٿرپارڪر ميڊيا سينٽر مٺي پهچي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو ان موقعي تي وارثن الزام لڳائيندي چيو ته سندن نوجوان پٽ روزگار لاءِ ڪراچي ويل هو، جتي ونود ڌرماڻي نالي شخص جي مبينا بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي هن ڦاهو ڏئي زندگي جو انت آندو. وارثن موجب واقعي جو ڪيس پڻ داخل ٿيل آهي. پر جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿيو آهي. وارثن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جوابدار بااثر هجڻ سبب آزاد گهمي رهيو آهي ۽ کين ڪيس تان هٽ ڪڻڻ لاءِ مبينا طور ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هنن الزام هنيو ته جوابدار کي منشيات فروشن ۽ چونڊيل نمائندن جي مبينا سرپرستي حاصل هجڻ سبب ڪارروائي نه ٿي رهي آهي. احتجاج ڪندڙ وارثن چيو ته جيڪڏهن کين انصاف نه مليو ته هو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا. هنن چيف جسٽس ۽ آءِ جي سنڌ سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سورج مانائي جي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، ذميوار ماڻهن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي ۽ کين قانون موجب سزا ڏني وڃي.

بقايا عوامي سوچ 28

پنهور اسپيئر پارٽس جي دڪان تان ايگل فور 15 جي شهباز لغاري ۽ مبينا طور نامعلوم پوليس اهلڪارن ٻاڇ سان گڏ ونئي ويا. وارثن جو چوڻ آهي ته 12 ڏينهن گذرڻ باوجود ٻنهي کي عدالت ۾ پيش ناهي ڪيو ويو. جڏهن ته سندن چوڻ موجب ان کان اڳ ٻنهي خلاف ڪڏهن به ڪا ايف آءِ آر داخل نه ٿي آهي. مشتاق پنهور جي والد عبدالغفور، شهزاد مري جي والد شاهد مري ۽ ڪزن عباس پنهور ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي هڪ نوجوان ۽ هڪ نابالغ ٻار کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 29

ٽون ٻني تي پاڻي وارائي رهيو هئس ته منهنجا پٽ عبدالقدوس ، آصف ۽ ٻيا هٿيار کڻي مون سان جهيڙو ڪرڻ آيا جڏهن ته معجزاتي طور بچي ويس منهنجي پٽن ٻني تي وارجي پاڻي کي گندا هٽي بند ڪيو آهي جنهن بعد اسان پوليس کي گهرائي پاڻي کولرايو هن چيو ته منهنجي پٽن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي مون پنهنجي ملڪيت مان سڀني پٽن کي پنهنجي پنهنجي حصي جي ملڪيت لکي ڏني آهي جنهن باوجود به پٽ تنگ ڪري رهيا آهن مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيو آهيان هن وڌيڪ چيو ته منهنجا پٽ مون خلاف ڪوڙيون درخواستون ڏئي پريشان ڪري رهيا آهن جن مان جاني ۽ مالي نقصان جو خطرو پڻ آهي جيڪي موتمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته مون تي حملو ڪندڙ پٽن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

جوهي. دريائن جي عالمي ڏهاڙي تي جوهي ۾ ايس يو پي پاران احتجاج

سنڌو درياءُ اسانجو جياپو آهي, درياءَ تي قبضو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين

جيستائين هڪ به سنڌي جي سسي ۾ ساهه آهي ڀرپور مزاحمت ڪنداسين

سنڌو درياءُ سنڌي قوم جي امانت آهي سنڌي عوام جي مرضي بغير سنڌو مان ليڪو به نٿا ڪڍي سگهو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ)جوهي. دريائن جي عالمي ڏهاڙي تي جوهي ۾ ايس يو پي پاران ڪامريڊ غلام قادر لغاري, عبداللہ ڪوسو, جمن ٻبر, روشن باهوتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اجلاس بعد احتجاج ڪندي دانهيو آهي سنڌو درياءُ اسان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ايس ايس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي جي حڪمن تي ضلعي سجاول ۾ ڌوهارين خلاف پوليس جون ڪارروايون

جهوڪ ۽ جاتي ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران مجموعي طور 4 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جهوڪ_ٻتورو روڊ تي پڊو اسٽاپ پرسان گشت دوران مبينا هٿياربندن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪئي

جنهن تي پوليس پاران جوابي فائرنگ ڪئي وئي, فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ جوابدار پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿي پيو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)ايس ايس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي جي حڪمن تي ضلعي سجاول ۾ ڌوهارين خلاف پوليس جون ڪارروايون. جهوڪ ۽ جاتي ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران مجموعي طور 4 جوابدار زخمي حالت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ٽنڊي غلام حيدر جي ڳوٺ ساجن چانگ جي پرائمري اسڪول ۾ استاد نه هجڻ خلاف احتجاج

شاهه واهه بس اسٽاپ وٽ مين حيدرآباد_بدين روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

اسڪول تي استاد نه هجڻ سبب سندن تعليم متاثر ٿي رهي آهي

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر جي ڳوٺ ساجن چانگ جي پرائمري اسڪول ۾ استاد نه هجڻ خلاف اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردياڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ڳوٺ رئيس محمد خان بليدي ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان محفلِ ميلاد جو اهتمام ڪيو ويو

جنهن ۾ مختلف علائقن مان آيل علمائِن ڪرام, نعت خوان حضرات ۽ عاشقانِ رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

محفلِ ميلاد ۾ پيرِ طريقت, رهبرِ شريعت حضرت علامه مولانا مفتي شفيق احمد قادري خصوصي خطاب

سيرتِ طيبه ﷺ, عشقِ رسول ﷺ ۽ حضورِ اڪرم ﷺ جي تعليمات تي تفصيلي روشني وڌي

نئون ڪوٽ(رپورٽ نويد بجير) نئون ڪوٽ جي ويجهو ڳوٺ رئيس محمد خان بليدي ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان محفلِ ميلاد جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ مختلف علائقن مان آيل علمائِن ڪرام, نعت خوان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سنڌ ايگريڪلچر جنرل ورڪرز يونين سان لاڳاپيل نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن ضلعي ٺٽي جو اجلاس

اجلاس ڇتوچنڊ لڳ ڳوٺ هاشم شيخ ۾ هاري يونين جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ لال بخش لاڻ سنيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

جنهن ۾ هاري يونين جي مرڪزي اڳواڻن, عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ جو هاري ۽ پورهيت طبقو سنڌ جي ڪنهن به انتظامي ورهاست جو حامي ناهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سنڌ ايگريڪلچر جنرل ورڪرز يونين سان لاڳاپيل نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن ضلعي ٺٽي جو اجلاس ڇتوچنڊ لڳ ڳوٺ هاشم شيخ ۾ هاري يونين جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ لال بخش لاڻ سنيو ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سيٺ نورالدين بروهي جي فرزند مير بالاچ بروهي کي عمري جي سعادت ماڻڻ تي ڪين عمري جون مبارڪون

جهانزيب مينگل بروهي محمد ايوب ملاح, اڪبر شورو, STP اڳواڻ سيد جلال شاهه, ناٿو بروهي, عبدالحڪيم بروهي, عثمان هنگورو, لطيف بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

سردار مهراللہ بروهي, حاجي رسولي بروهي ۽ ٻين پاران آيل مهمانن جو مانائتو استقبال ڪري ڪين پڻ لونگين جا تحفا پيش ڪيا

غير ذميوار ماڻهن جي ڪري ئي هن ملڪ جو نظام ڪولئپس ڪري پيو, هتي ڪڏهن به پارليامينٽ کي بااختيار نه ڇڏيو ويو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) STPسربراهه ڊاڪٽر قادر منگسي پنهنجي پاءُ غلام علي منگسي ۽ پارٽي اڳواڻ گلزار احمد سومرو, ڊاڪٽر حميد ميمڻ, هوت خان گاڏهي, خدانخش درس, محمد علي ابڙو, امتياز سمون, قادر چناسان گڏ ٺٽي لڳ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ساڪرو پوليس جي ڪارروائي, 3 مبينا ڪرمنل گرفتار, 2 پسٽل ۽ لٺ هٿ

ٺٽي ضلعي جي ساڪرو ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي 3 مبينا ڪرمنل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

سندن قبضي مان وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ 2 پسٽل ۽ هڪ لٺ پڻ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

سب انسپيڪٽر شبير دائودچ سميت پوليس عملي گشت دوران ڳجهي اطلاع تي پير محموداڻي لنڪ روڊ, صابو ڳبول ڳوٺ پرسان ڪارروائي ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)ساڪرو پوليس جي ڪارروائي, 3 مبينا ڪرمنل گرفتار, 2 پسٽل ۽ لٺ هٿ ٺٽي ضلعي جي ساڪرو ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي 3 مبينا ڪرمنل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو, جڏهن ته سندن قبضي مان وارادات/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7



مددعلي شاهه جي لوهه ۽ سيمنٽ جي دڪان الممتاز سيمنٽ اينڊ اسٽيل ٺٽو تان چوري جي انوکي واردات

گذريل ڏينهن شام ڌاران هڪ نامعلوم ماڻهون آيو جيڪو مونکي پنهجي آفيس مان اتاري لوهه سيمنٽ جي بهاني ٻاهر وٺي ويو

اسان لوهه ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين ته ساڻس ٻه ٻٽيل همراهه آفيس ۾ وڃي خاني ۾ پيل هڪ لک پنجهتر هزار روپيا ڪڍي ٻاهر موٽر سائيڪل تي چڙهي ويهي رهيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي سجاول روڊ خوشحالي بينڪ ويجهو سيد مددعلي شاهه جي لوهه ۽ سيمنٽ جي دڪان الممتاز سيمنٽ اينڊ اسٽيل ٺٽو تان چوري جي انوکي واردات, هڪ لک پنجتر هزار چوري ٿي وئي, رابطي ڪرڻ تي سيد مدد علي شاهه جي فرزند مقتصد علي شاهه جو چوڻ هو ته گذريل ڏينهن شام ڌاران هڪ نامعلوم ماڻهون آيو جيڪو مونکي پنهجي آفي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

دادو ضلعي ڪائونسل انتظاميه خلاف صحافي روڊن تي نڪري آيا دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

رياض ناريجو, رضوان منگي, سخي سردار چارڻ, راجا ڪوريجو, محمد رفيق چنه, ڪامران ڪورائي خطاب

زبون عمارت جي ڇت جي تعمير لاءِ ضلعي ڪائونسل ۽ چونڊيل نمائندن توڙي ڊي سي دادو کي ريرو توڙي لکت ۾ آگاهه ڪيو هو

دادو (رپورٽ محمد رفيق چنه) دادو پريس ڪلب جي ڇت ڊهاڪي سان ڪرڻ سبب 9 صحافي زخمي ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي جي پوپان ڪوتاهي جي ذميوار ضلعي ڪائونسل انتظاميه خلاف صحافي روڊن تي نڪري آيا دادو پريس ڪلب آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

خانپورمهر جي سينئر صحافي عظيم سيال جي اغوا خلاف روهڙي ۾ صحافين جو احتجاج

روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي اهتمام هيٺ روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي صدر محمد عثمان گهنجو ۽ روهڙي پريس ڪلب جي صدر مجاهد بزدار ڪئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) خانپورمهر جي سينئر صحافي عظيم سيال جي اغوا خلاف روهڙي ۾ صحافين جو احتجاج, فوري بازيابي جو مط/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

روهڙي ۾ شاليمار ايڪسپريس ۾ سفر ڪندڙ نوجوان مسافر فوت, لاش تعلقه اسپتال منتقل

ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ تي ريلوي پوليس نوجوان کي ڳنڀير حالت ۾ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو

هو ٽئي دوست هڪ ڪمپني ۾ انٽرويو لاءِ ڪراچي آيا هئا ۽ واپس سيالڪوٽ وڃي رهيا هئا

روهڙي (رپورٽر)روهڙي ۾ شاليمار ايڪسپريس ۾ سفر ڪندڙ نوجوان مسافر فوت, لاش تعلقه اسپتال منتقل تفصيل موجب ڪراچي کان لاهور ويندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

روهڙي ۾ عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ جي حوالي سان آگاهي واڪ, سيمينار

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس سکر پاران تعلقي اسپتال روهڙي ۾ عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ جي حوالي سان آگاهي واڪ

سيمينار ۽ هيلٿ ايجوڪيشن سيشن منعقد ڪيو ويو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ جي حوالي سان آگاهي واڪ, سيمينار ۽ هيلٿ ايجوڪيشن سيش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ميرپورماٿيلو: خانپور مهر جي صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ احتجاج

يونين آف جرنلسٽس ضلعي گهوٽڪي جي سڏ تي صحافين طرفان ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان ڌرڻو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر شاهد ميراڻي) ميرپورماٿيلو: خانپور مهر جي صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ گهوٽڪي يونين آف جرنلس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

يو سي چيئرمين ڀڳوان داس ڪڇي جي حامين پاران پريس ڪلب ميرپورخاص اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو

واقعي ۾ ملوث جوابدار خلاف فوري ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو مطالبو

ڀڳوان داس ڪڇي تي ٿيل مبينا حملي باوجود اجا تائين ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي

ميرپورخاص (بيوروروپورٽ) پيپلز پارٽي سان لاڳاپيل ٻن يونين ڪائونسل چيئرمينن وچ ۾ مبينا جهيڙي واري واقعي کانپوءِ يو سي چيئ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

عورتن جي تيار ڪيل شين جي نمائش 30 سيپٽمبر تي ٿيندي

مختلف شعبن سان لاڳاپيل عورتون پنهنجون تيار ڪيل شيون ۽ مصنوعات پيش ڪنديون

مختلف سرڪاري کاتن پاران آگاهي ۽ سهولتڪاري جا اسٽال پڻ قائم ڪيا ويندا

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)عورتن جي تيار ڪيل شين جي نمائش 30 سيپٽمبر تي ٿيندي ميرپورخاص: ضلعي انتظاميا موجب عورتن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب13

گهارو ۾ ايس ٽي پي جو عوامي اجتماع

ڊاڪٽر قادر مگسي جو خطاب, 15 نومبر تي ڪراچي پهچڻ جي دعوت

هر سياسي ورڪر کي پرامن سياسي سرگرمين جو حق حاصل آهي, جنهن تحت هو پنهنجي مهم کي اڳتي وڌائيندا

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) : سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي "سنڌ منهنجي امان" مهم جي سلسلي ۾ پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ورلڊ ريبيز ڊي جي موقعي تي ضلعي ۾ ريبيز بابت عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ آگاهي پروگرام

جن ۾ آگاهي سيمينار, ريبيز بابت واڪ ۽ ڪتن لاءِ مفت ويڪسينيشن ڪيمپ شامل هئا

ڊاڪٽر زاهد صدر جي صدارت هيٺ ڊي ايڇ او آفيس مٽياري ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

مٽياري)رپورٽ محمد حنيف ميمڻ(ضلعي انتظاميا مٽياري جي هدايتن تي ورلڊ ريبيز ڊي جي موقعي تي ضلعي ۾ ريبيز بابت عوامي آگاهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

WORLD RABIES DAY
28 SEPTEMBER
War Against Rabies
Livestock & Fisheries Department, Government of Sindh
Dr. Riaz Ahmed Laghari
Deputy director Livestock
Animal Husbandry District Matiari

مڪلي جا تاريخي مقبرا ٻارن جي راند جو ميدان بڻجي ويا, آثارِ قديمه کاتي جي نگراني تي سوال

مڪلي جي تاريخي قبرستان ۾ قديم مقبرن جي حفاظت ۽ نگراني بابت هڪ ڀيرو ٻيهر سنجيده سوال اڀري آيا

جتي سامهون آيل وڊيو/تصويرن ۾ ٻارن کي تاريخي مقبرن مٿان چڙهي ڊوڙندي ۽ جمپ ڏيندي ڏسي سگهجي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)مڪلي جا تاريخي مقبرا ٻارن جي راند جو ميدان بڻجي ويا, آثارِ قديمه کاتي جي نگراني تي سوال مڪلي جي تاريخي قبرس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10



ڳڙهي خيرو ڪوسا هائوس قادر پور ڪوسا بليدي اوڊو اتحاد جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

ڳڙهي خيرو ڪوسا هائوس قادر پور ڪوسا بليدي اوڊو اتحاد جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس ۾ اتحاد جي مختلف معاملن تي بحث ڪيو ويو. ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويا آهن

باقي دوست ۽ معززين رابطي ۾ آهن. اهم اتحادي سردار طارق خان اوڊو جي والد جي وفات سبب 10 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ طئي ٿيل اجلاس ۾ تبديلي ڪئي وئي

ڳڙهي خيرو (رپورٽ مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو ڪوسا هائوس قادر پور ڪوسا بليدي اوڊو اتحاد جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. چيف سردار سجاد خان بليدي ۽ چيف سردار سخي عبدالرزاق خان ڪوسو جي وچ ۾ هڪ اهم اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ اتحا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جي گڏجاڻي, نزاڪت علي ميرجت چيئرمين چونڊجي ويو

جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران بسم هوٽل ۾ هڪ اهم ۽ پُروقار گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن مان جت ۽ ميرجت برادري جي معزز شخصيتن, سماجي اڳواڻن ۽ برادري جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اميد ظاهر ڪئي وئي ته نئين قيادت برادري جي اتحاد, ڀلائي ۽ مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي

اڏيرولال(رپورٽ ثاقب نور ساهووال) جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جي گڏجاڻي, نزاڪت علي ميرجت چيئرمين چونڊجي ويو : جت سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران بسم هوٽل ۾ هڪ اهم ۽ پُروقار گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي, جنهن ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ساموندي پٽي جو هترادو پاڻي ۽ بند ڪري لکين ايڪڙن زرعي زمينون بنجر بڻجي ويو

ساموندي پٽي جو هترادو پاڻيءَ بند ڪري لکين ايڪڙن زرعي زمينون بنجر بڻجي ويو

منهنجي امان جي سري هيٺ لکين ڌرتي ڌڻين ڪراچي ۾ گڏ ٿي سنڌ ۾ نئون صوبي ۽ انتظاميا يونٽ کي رد ڪندا

گاڙهو(رپورٽ جاويد علي خاصخيلي)ساموندي پٽي جو هترادو پاڻيءَ بند ڪري لکين ايڪڙن زرعي زمينون بنجر بڻجي ويو آهي حڪمرانن ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو جي نگراني هيٺ آگاهي واڪ

جيڪا ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس کان چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي تائين ڪڍي وئي

شوڪت علي ابڙو عوام کي ڪتي جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ فوري ۽ مناسب علاج, ويڪسينيشن ۽ احتياطي تدبيرن بابت آگاهي ڏيندي اهم پيغام ڏنو

تعلقه هيلٿ آفيسرن, اينٽي ريبيز فوڪل پرسن, هيلٿ ايجوڪيشن آفيسر ۽ صحت کاتي سان لاڳاپيل ٻين آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو جي نگراني هيٺ شهر جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس پاران آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو. جيڪا ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس کان چانڊڪا مي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ٽنڊو محمد خان فاريسٽ کاتي جي ڪارڪردگي تي سوال, مبينا بي ضابطگين جي شفاف جاچ جو مطالبو

عدالتي حڪمن تي عملدرآمد نه ٿيڻ, سوين ايڪڙ سرڪاري زمين مقاطي تي ڏيڻ ۽ ڪاٺ جي وڪري بابت شڪايتون

7 گريڊ جي فاريسٽ گارڊ کي مبينا طور 14 گريڊ جي پوسٽ تي مقرر ڪرڻ جو معاملو به سامهون اچي ويو

جيڪڏهن ڪنهن به قسم جون بي ضابطگيون ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)ٽنڊو محمد خان فاريسٽ کاتي جي ڪارڪردگي تي سوال. مبينا بي ضابطگين جي شفاف جاچ جو مطالبو عدالتي حڪمن تي عملدرآمد نه ٿيڻ, سوين ايڪڙ سرڪاري زمين مقاطي تي ڏيڻ ۽ ڪاٺ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

قمبر: سول جج جي گهر مان چوري ٿيل سامان هٿ, جوابدار گرفتار

ٻه ڏينهن اڳ سول جج محمد رمضان گوپانگ جي گهر مان چوري ٿيل سونا زيور ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ورتا

پوليس ڪارروائي ڪندي سول جج محمد رمضان گوپانگ جي گهر مان چوري ٿيل زيور ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ورتي

ايس ايس پي حسن سردار احمد خان نيازي پاران سٽي پوليس جي ايس ايڇ او ۽ ٽيم کي ڪارروائي تي شاباشي ڏني وئي

قمبر (رپورٽر)سول جج جي گهر مان چوري جو معاملو انتهائي ٿوري وقت ۾ حل. پوليس مرڪزي جوابدار گرفتار ڪري ورتو رپورٽ موجب قمبر سٽي ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي سول جج محمد رمضان گوپانگ جي گهر مان چوري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جا عهديدار غير سرڪاري طور بنا مقابلي ڪامياب قرار

چونڊن لاءِ هڪ ئي گروپ سان تعلق رکندڙ اميدوارن باهمي غلط فهمي سبب مختلف عهدن لاءِ پنهنجا پنهنجا نامزدگي وارا ڪاغذ جمع ڪرايا هئا

نائب صدر جي اميدوار محمد اسلم ميمڻ پنهنجا نامزدگي وارا ڪاغذ واپس وٺي ڇڏيا

نامزدگي وارا ڪاغذ واپس وٺڻ کان پوءِ جاڳايل ٽنهي عهدن لاءِ ترتيبوار نديم احمد صديقي, محمد فهد مياڻ ۽ عرفان عاربياني واحد اميدوار رهجي ويا

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جي سيڪريٽري جنرل ۽ سال 2026_28ع جي چونڊن لاءِ ريٽرننگ آفيسر فرقان احمد لوڌي پاران جاري ڪيل اعلان موجب چيمبر جي سال 2026_28 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جا عهديدار غير سرڪاري طور بنا مقابلي ڪامياب قرار

ڇاڇرو: تشدد ۽ اڪيون ڪڍڻ واري ڪيس ۾ متاثر ڏاچي عدالت ۾ پيش

مٺي /ٿرپارڪر(رپورٽر) ڏاهلي تعلقي جي ڳوٺ بنگل رند ۾ مبينا طور ڏاچي تي تشدد ڪري اکيون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

مٺي ۾ بليڪ ميلنگ سبب سورج ماناڻي جي فوتگي, وارثن جو احتجاج

مٺي /ٿرپارڪر(رپورٽر) مٺي ۾ مبينا بليڪ ميلنگ سبب زندگي جو انت آڻيندڙ نوجوان سورج /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

مشتاق پنهور ولد عبدالغفور ۽ شهزاد مري ولد شاهد مري جي وارثن ايوان صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس

ٻنهي نوجوانن کي مبينا طور پوليس پاران کنيي وڃڻ ۽ 12 ڏينهن گذرڻ باوجود عدالت ۾ پيش نه ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو

ٻنهي نوجوانن کي مبينا طور پوليس پاران کنيي وڃڻ ۽ 12 ڏينهن گذرڻ باوجود عدالت ۾ پيش نه ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) مهران ڪالوني جي رهواسي مشتاق پنهور ولد عبدالغفور ۽ شهزاد مري ولد شاهد مري جي وارثن ايوانِ صحافت ميرپورخاص ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻنهي نوجوانن کي مبينا طور پوليس پاران کنيي وڃڻ ۽ 12 ڏينهن گذرڻ باوجود عدالت ۾ پيش نه ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو. وارثن موجب شهزاد مري کي سندس گهر مان, جڏهن ته مشتاق پنهور کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي نافرمان پٽن جي دانهن کڻي پريس ڪلب پهچي ويو

آئون ٻني تي پاڻي وراڻي رهيو هئس ته منهنجا پٽ عبدالقدوس , آصف ۽ ٻيا هٿيار کڻي مون سان جهيڙو ڪرڻ آيا

معجزاتي طور بچي ويس منهنجي پٽن ٻني تي واٽر جي پاڻي کي ڳنڍا هڻي بند ڪيو آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي نافرمان پٽن جي دانهن کڻي پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻي امام بخش خاصخيلي چيو ته آ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29